ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 20 سيپٽمبر 2026ع 07 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (36)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 20th September 2026

وزيراعظم فيول رليف اسڪيم ۾ 3 تبديلين جو اعلان، جنوري 2026 تائين رجسٽر ٿيل موٽرسائيڪل پڻ شامل

بن ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين لاءِ 500 روپيا في ٽوڪن جي حد ۾ ترميم، جنهن سان اهل موٽر سائيڪلن، چنگچي ۽ رڪشائن جا مالڪ پنهنجي ضرورت موجب تيل خريد ڪري سگهندا
بن ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين جا اهل صارفين ماهوار 4 ٽوڪن حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ هر ٽوڪن تي 500 روپين جي رليف جي رقم شامل هوندي
جيڪڏهن 2 ليٽر پيٽرول جي قيمت 780 روپيا آهي ته 500 روپين جو رليف ٽوڪن استعمال ڪرڻ کان پوءِ حقدار صارف کي 280 روپيا ادا ڪرڻا پوندا
800 سي سي تائين گاڏي استعمال ڪندڙ اڳ وانگر هر 10 ڏينهن ۾ 10 ليٽر پيٽرول تي 100 روپيا في ليٽر جي رعايت حاصل ڪري سگهندا، مهيني ۾ 10 ليٽر جا 3 ٽوڪن جاري ٿيندا
اسڪيم تحت 17 لک 50 هزار کان وڌيڪ رجسٽريشنز مڪمل، اٽڪل 15 لک ٽوڪن جاري ڪيا ويا، پيٽرول اسٽيشنن تي 6 لک 80 هزار کان وڌيڪ ٽوڪن اڳ ئي استعمال ڪيا ويا
انٽرنيٽ ڪنيڪٽيويٽي کان محروم علائقن ۾ واضع پيٽرول پمپس لاءِ ايس ايم ايس ذريعي پارڻ جي ٽوڪن جي ريڊيمپشن جي منظوري پڻ ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيليڪميونيڪيشن واري وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه وزيراعظم جي فيول رليف اسڪيم ۾ 3 وڏين تبديلين جو بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پوليو جي خاتمي بابت قومي ٽاسڪ فورس جو اهم اجلاس

هلندڙ سال ڪيسن جو انگ 4 رهجي ويو آهي: وفاقي وزير احسن اقبال

اسلام آباد (اي پي پي) پوليو جي خاتمي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

آمريڪي صدر روس تي پابندين جي بل تي صحيح ڪري ڇڏي

روس تي لاڳو پابندين، محصولن ۽ ٻين پابندين ۾ واڌ ڪئي وئي
آمريڪا ايران تي موجوده پابندين جو مُدو به 5 سال وڌائي ڇڏيو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

سعودي ۾ رياض جي ڪنگ خالد هوائي اڏي تي باهه، ڪيترين ئي اڏامون رد

ايئرپورٽ ڀرسان آرامڪو جي پارڻ جي ٽينڪ ۾ باهه لڳڻ سبب دونهون آسمان ڏانهن ويو
فلائيٽ ٽريڪنگ ويب سائيٽن تي ايئرپورٽ تان ڪجهه اڏامون رد ۽ رولڙي جو شڪار ٿيون

رياض (ھ ر) سعودي عرب جي راڄڌاني بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪوهاٽ آپگهاتي ڌماڪي بعد سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، سمورا 8 دهشتگرد مارجي ويا

دهشتگردن خلاف آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي. ايليٽ فورس ڪمانڊوز، سي ٽي ڊي ٽيمن ۽ سيڪيورٽي فورسز عمارتن جي اهم حصن کي ڪليئر ڪرائي ورتو: پوليس ترجمان
فجر ڪلنپوءِ پاڪ فوج جي ڪمانڊوز ڪارروائي ڪندي پوليس لائين ۾ لڪيل آخري ٻن آپگهاتي بمبارن کي به ماري ڇڏيو. جي او سي ڪوهاٽ آپريشن جي سڌي نگراني ڪئي
پاڪ فوج جي ڪمانڊوز جوانن ۽ بم ڊسپوزل اسڪواڊ علائقي کي ڪليئر ڪري پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو. آپريشن ۾ حصو وٺندڙ آفيسرن کي شاباش ۽ انعامن جو اعلان
ڪوهاٽ ڌماڪي جا 7 زخمي پشاور جي ليڊي ريڊنگ اسپتال آندا ويا جن جي حالت سڌرندڙ آهي، زخمين ۾ 6 پوليس اهلڪار جڏهن ته هڪ عام شهري شامل آهن: ترجمان

پشاور (اي پي پي) پراڻي پوليس لائينز ڪوهاٽ جي مسجد تي ڌماڪي ڪانپوءِ دهشتگردن جي درانداز تي پوليس ۽ سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائي ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا. خيبرپختونخواهه بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ چيني صوبي هونان وچ ۾ واپار ۽ سيڙپڪاري ۾ گڏيل اقتصادي رابطا وڌائڻ تي اتفاق

چانگشا ۾ صوبائي وزير شرجيل ميمڻ هونان پيپلز ڪانگريس جي نائب چيئرمين يانگ هائوڊنگ سان ملاقات ڪئي
ڪانگريس ۾ سنڌ حڪومت جي اعليٰ سطحي وفد اقتصادي ۽ واپاري موقعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي
تقريب ۾ 28 ملڪن جي وزيرن ۽ اعليٰ سطحي نمائندن جي شرڪت، گورنر مائووييمنگ آجيان ڪئي

ڪراچي/ چانگشا (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

هنان: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيني صوبي هنان سان ڳاهه بعد شيلڊ وصول ڪري رهيو آهي

افغان سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي کي روڪڻ طالبان رجيم حڪومت جي ذميواري آهي: ڊي جي آءِ ايس پي آر

خودڪش حملي آورن مان 80 سيڪڙو افغاني آهن، پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ هر گروپ ۾ افغاني شهري موجود هوندا آهن
افغان طالبان حڪومت دوحه معاهدي تحت واعدا پاڙڻ ناڪام رهي ٿي ته پاڪستان کي پنهنجي دفاع جو مڪمل حق حاصل آهي
بلوچستان ۾ دهشتگردن کي عوامي حمايت ناهي ۽ اهي بندوق جي زور تي پنهنجا نظريا مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

راولپنڊي (ھ ر) ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آپريشن ردالفتنه 3 تحت بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڪارروائيون

پنجگور ۽ چاغي ۾ سيڪيورٽي فورسز 11 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو
گوارگو ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

حوثي حملا عالمي معيشت کي نقصان پهچائي رهيا آهن: يورپي يونين

برسلز (اي پي پي) يورپي يونين جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين، نئون صوبو اسان جي لاشن تي ٺهندو: ذوالفقار شاهه

پيپلز پارٽي ڪالاباغ ڊيم وانگر نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن خلاف به ڀرپور مزاحمت ڪندي،
نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ اڪثريت سان ٺهراءُ منظور ڪيو ويو آهي
صدر آصف زرداري جو موقف آهي ته سنڌ کي ٽڪرا ٿيڻ نه ڏيو، بلاول ڀٽو عوامي حقن تي ڪا سوديبازي نه ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه سنڌ اسيمبلي جي اجلاس کان پوءِ روزاني عبرت جي بيورو چيف عبدالمجيد عباسي سان بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: عبرت جو بيورو چيف مجيد عباسي صوبائي وزير ذوالفقار شاهه سان ملي رهيو آهي

سنڌ حڪومت پاران ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ايئرپورٽس جي توسيع لاءِ سهڪار جي خاطري

پاڪستان ائيرپورٽس جي وفد ڊي جي ائيروائيس مارشل ذيشان سعيد جي اڳواڻي ۾ وڏي وزير سان ملاقات ڪئي
سکر ايئرپورٽ لاءِ 3 هزار ايڪڙ زمين گهربل آهي، اپر سنڌ لاءِ علائقائي گيٽ وي طور ڪم ڪندو
جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ٽرمينل کي 4 لک اسڪوائر ميٽر تائين وڌائڻ ۽ بورڊنگ برجز کي 25 ڪيو ويندو
حيدرآباد ايئرپورٽ جو رن وي وڌائي 11 هزار 500 فٽ ڪرڻ ۽ ڪوٽڙي-حيدرآباد روڊ ٺاهڻ جي تجويز پيش

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڪالهه پاڪستان ائيرپورٽس اٿارٽي (PAA) جي هڪ وفد سان ملاقات ڪئي جنهن جي اڳواڻي ان جو ڊائريڪٽر جنرل ائير وائيس بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

نئين آٽو پاليسي جلد متعارف ڪرائي ويندي: هارون اختر خان

آٽو پارٽس مينيوفيڪچررز ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز لاءِ رعايتون شامل هونديون
آٽو موٽيو صنعت ۾ ترقي ۽ روانگي واپار جا وسيع امڪان موجود آهن

اسلام آباد / لاهور (اي پي پي) صنعت ۽ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پاڪ چين سنارتي لاڳاپا گڏيل تعاون جو شاندار داستان آهن: سيدال خان

لاڳاپا وقت سان هڪ مضبوط ۽ گهڻ رخي حصيداري ۾ تبديل ٿي چڪا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي ڊپٽي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نادرا جي پينشنرز لاءِ پروف آف لائيف جي آسان سهولت

3 لک 37 هزار کان وڌيڪ پينشنرزن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيا

اسلام آباد (اي پي پي) نادرا جي پينشنرز بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڪيڊٽ ڪاليجن جي ترقياتي منصوبن دير برداشت نه ڪبي: سيڪريٽري ڪاليجز

گهٽ فنڊ ملندڙ اسڪيمن لاءِ خزاني کاتي سان فوري رابطو ڪري گهربل رقم جاري ڪرائڻ جي هدايت
بدين ۽ مٺي ڊپارڪر ڪيڊٽ ڪاليجن ۾ پرنسپالن جي مقرري جو عمل جلد مڪمل ڪيو ويندو: نذير ميمڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پرڏيهي وزير جي ايران ۽ ملائيشيا جي هم منصبن سان ڳالهه ٻولهه

اسحاق ڊار ٻنهي اڳواڻن سان تازي علائقائي اڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي
عباس عراقچي سان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي اجلاس دوران ملاقات جو فيصلو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ مارچ لاءِ سهولت ڏيندڙ پوليس آفيسر خلاف ڪارروائي ٿيندي: آءِ جي ڪي پي ڪي

چيف سيڪريٽري پڻ آفيسرن کي سرڪاري وسيلن ۽ فنڊن جي استعمال کان روڪي ڇڏيو
اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پاران ٻڻ شهر جي شاهراهن کي بلاڪ ڪرڻ کان روڪيو ويو آهي

پشاور (ھ ر) آءِ جي خيبرپختونخوا ذوالفقار حميد پوليس آفيسرن کي پي ٽي آءِ جي مارچ، ريلي يا جلوس ۾ ڪنهن به قسم بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

وزيراعظم منهنجي ڳالهه نه ٿو ٻڌي، وڏا وزير 18هين ترميم جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن: قيصر شيخ

ڪراچي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي، پر ملڪي سياست ۾ هن شهر کي اهو مقام حاصل ناهي، جيڪو هئڻ گهرجي
هر سياسي پارٽي جو بيوروڪريٽ گروپ آهي، اهي پاڻ ۾ وڙهنديون رهنديون ته حالتون تبديل نه ٿينديون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڙپڪاري واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ چيو آهي ته بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ٽنڊي ۾ پوڄا پاٺ دوران فوت ٿيل ٽن ڄڻن جي وارثن سان ڊاڪٽر شام سندر جي تعزيت

متاثر خاندانن سان ڏک جي گهڙي ۾ گڏ آهيون، هر ممڪن سهڪار ڪئي ويندي: ڊاڪٽر شام سندر
پريا ڪماري بابت قائم نئين جي آءِ ٽي مان اميدون آهن، جلد بازيابي جي اميد آهي

ٽنڊياري (ذ ر) وزيراعليٰ سنڌ جو اقليتي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ٽنڊياري: صوبائي صلاحڪار شام سندر آڏواڻي جنم اشٽمي جي پوڄا دوران فوت ٿي ويلن جي وارثن سان ڏک ونڊي رهيو آهي

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پاران خيبرپختونخواهه ۾ بم ڌماڪي جي شديد مذمت

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪيوبا ۾ بجلي جو نظام مڪمل طور ناڪام، هڪ ڪروڙ ماڻهن کي نراهمي معطل

هوانا (اي پي پي) ڪيوبا جي توانائي واري بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن جي سربراهه پاران فلسطيني عملدارن کي آمريڪي ويزائن کان انڪار تي افسوس جو اظهار

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بقايا | 1 | "روزاني عبرت"

پوليس طرفان جاري بيان مطابق دهشتگردن خلاف آپريشن مڪمل ڪيو ويو آهي. ايليٽ فورس ڪمانڊوز سي ٽي ڊي ٽيمن ۽ سيڪيورٽي فورسز عمارتن جي اهم حصن کي ڪليئر ڪرائي ورتو آهي. فجر ڪانپوءِ پاڪ فوج جي ڪمانڊوز ڪارروائي ڪندي پوليس لائين ۾ لڪيل آخري ٻن آپگهاتي بمبارن کي به ماري ڇڏيو آهي. سيڪيورٽي ذريعن مطابق آپريشن جي سڌي ريت نگراني جنرل آفيسر ڪمانڊنگ ڪوهاٽ ڪئي. واضح رهي ته پاڪ فوج جي ڪمانڊوز جوانن ۽ بم ڊسپوزل اسڪواڊ علائقي کي ڪليئر ڪري پوليس جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. آءِ جي خيبرپختونخواهه پوليس مطابق آپگهاتي بمبارن قانون جي محافظن کي نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ هو ناڪام رهيا. آءِ جي پوليس ذوالفقار حميد پاڻ واقعي واري هنڌ موجود رهيو ۽ جوانن جو حوصلو وڌايو. ايڊيشنل آءِ جي سي ٽي ڊي، ريجنل پوليس آفيسر ڪوهاٽ ۽ ڊي پي او ڪوهاٽ آپريشن کي ليڊ ڪيو. جي او سي ڪوهاٽ به موقعي تي موجود رهيو. قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سڄي رات جي آپريشن ڪانپوءِ ڪاميابي حاصل ڪئي. آءِ جي پوليس، آپريشن ۾ حصو وٺندڙ آفيسرن کي شاباش ڏني ۽ انهن لاءِ انعامن جو اعلان ڪيو. هن چيو ته پوليس، سي ٽي ڊي ۽ سيڪيورٽي فورسز بهادري سان مقابلو ڪيو جانباز قوم جو فخر آهن. هن چيو ته دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملايو آهي. انهن جو مڪمل خاتمو يقيني بڻائينداسين. ٻئي طرف ليڊي ريڊنگ اسپتال ايم ٽي آءِ پشاور جي ترجمان محمد عاصم چيو آهي ته ڪوهاٽ ڌماڪي جا 7 زخمي ايل آر ايڇ آندا ويا آهن جن جي حالت سڌرندڙ آهي. ترجمان مطابق زخمين ۾ 6 پوليس اهلڪار جڏهن ته هڪ عام شهري شامل آهن. زخمين جي حالت سڌرندڙ آهي جن کي مختلف وارڊز ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ترجمان مطابق ڪوهاٽ ڌماڪي ڪانپوءِ ايل آر ايڇ کي هاءِ الرٽ رکيو ويو هو.

بقايا | 2 | "روزاني عبرت"

آهي ته پارٽي سرپرستي هيٺ افغان سرزمين تان ٿيندڙ دهشتگردي کي روڪڻ طالبان حڪومت جي ذميواري آهي. "عرب نيوز" سان هڪ خصوصي انٽرويو ۾ ڊي جي آءِ ايس پي آر ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري چيو ته پاڪستان جو افغان طالبان حڪومت کان هڪ ئي واضح مطالبو آهي: ته افغان علائقي مان پاڪستان اندر ٿيندڙ دهشتگردي کي روڪيو وڃي. هن نشاندهي ڪئي ته خودڪش حملي آورن مان 80 سيڪڙو افغان آهن ۽ افغانستان مان پاڪستان ۾ داخل ٿيندڙ هر گروپ ۾ افغان شهري موجود هوندا آهن. پاڪستان فوج جي ترجمان چيو ته جيڪڏهن افغان طالبان حڪومت دوحه معاهدي تحت ڪيل واعدن کي پورو ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ٿي، ته پاڪستان کي پنهنجي دفاع جو مڪمل حق حاصل آهي. بلوچستان جي صورتحال بابت ڊي جي آءِ ايس پي آر چيو ته دهشتگردن کي عوامي حمايت حاصل ناهي ۽ اهي بندوق جي زور تي پنهنجي نظريي کي مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردي جي سرپرستي پارٽ ڪري رهيو آهي ۽ سوشل ميڊيا مهمون ٻاهرين ملڪن مان هلايون پيون وڃن. ليفٽيننٽ جنرل احمد شريف چوڌري ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته رياست جي پاليسي بلڪل واضح آهي: دهشتگردن سان ڪي به ڳالهيون نه ٿينديون. سعودي عرب بابت ڳالهائيندي پاڪستان فوج جي ترجمان چيو ته پاڪستان سعودي عرب جي مدد لاءِ ميدان ۾ موجود آهي ۽ سفارتي سطح تي به ان سان گڏ بيٺل آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر موجب، پاڪستان سعودي قيادت جي ضرورتن مطابق ٻنهي مقدس مسجدن ۽ سعودي عرب جي حفاظت لاءِ هر حد تائين وڃڻ لاءِ مڪمل تيار آهي. سعودي عرب جي سلامتيءَ لاءِ پاڪستان جو عزم غير مشروط آهي، جنهن جو بنياد گهري جذباتي، پراڻن تاريخي ۽ اٽوٽ لاڳاپن تي ٻڌل آهي. هن چيو ته ان ۾ ڪو به شڪ نه هجڻ گهرجي ته پاڪستان جا ماڻهو سعودي عرب سان ڪلهي سان ڪلهو ملائي بيٺا آهن. پاڪستان سعودي عرب خلاف ڪنهن به جارحيت جو دفاع ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پاڪستان فوج جي ترجمان ان ڳالهه جي تصديق ڪئي ته پاڪستان گڏيل دفاعي معاهدن ۽ اسٽريٽجڪ باهمي دفاعي معاهدن تحت ڪيل واعدن ۽ عهدن جي پاسداري ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي سياسي ۽ فوجي قيادت سعودي قيادت سان مسلسل رابطي ۾ آهي. ڊي جي آءِ ايس پي آر ٻڌايو ته پاڪستان جي مسلسل، انٿڪ ۽ انتهائي مخلصانه سفارتي ڪوشش ڪانپوءِ مفاهمت جي يادداشت (ايم او يو) کي حتمي شڪل ڏني وئي. پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ تعاون ۽ رابطو بغير ڪنهن رڪاوٽ جي جاري آهي.

بقايا | 3 | "روزاني عبرت"

مارشل ڊيشان سعيد ڪري رهيو هو جنهن ۾ صوبي ۾ ايوشن جي ترقياتي منصوبن جي هڪ جامع پيڪيج جو جائزو ورتو ويو. ملاقات ۾ سکر ۾ تجويز ڪيل گرين فيلڊ ايئرپورٽ، جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي جي بهتري ۽ توسيع، حيدرآباد ايئرپورٽ جي اپ گريڊيشن ۽ سول ايوشن ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (CATI) حيدرآباد کي پاڪستان جي بهترين مخصوص ايوشن يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرڻ شامل آهي. ملاقات ۾ سنڌ جي ايوشن بنيادي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ، مسافرن جي سهولتن ۽ رابطن کي بهتر بڻائڻ، ايئرپورٽ جي گنجائش وڌائڻ، آپريشنل حفاظت کي وڌائڻ ۽ ايوشن سان لاڳاپيل تعليم ۽ مهارتن کي وڌائڻ تي ڌيان ڏنو ويو. پي اي اي جي وفد وڏي وزير کي منصوبن جي صورتحال بابت بريفنگ ڏني ۽ زمين جي حاصلات، زميني رڪارڊ، روڊن جي رابطي ۽ ٻين معاملن تي صوبائي حڪومت جو سهڪار گهريو جيڪي صوبائي دائري ۾ اچن ٿا. ملاقات ۾ وڏي وزير جي پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي شرڪت ڪئي. پي اي اي جي وفد ۾ ڊپٽي ڊي جي (ورڪس اينڊ ڊيوليپمينٽ) انجنيئر سمير سعيد، ڊائريڪٽر انجنيئرنگ سروسز انجنيئر ڪاشف شاهه، ڊائريڪٽر ڪمرشل عبدالواسط، سينيئر ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي اينڊ ايم انجنيئر ظفر الله مهيسر، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر گرين فيلڊ ايئرپورٽ سکر انجنيئر حافظ زاهد، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ اميرومينٽ پراجيڪٽ انجنيئر عرفان خان ۽ سينيئر ڊپٽي ڊائريڪٽر اسٽيٽ احتشام شامل هئا. گرين فيلڊ ايئرپورٽ سکر: وڏي وزير کي سکر ريجن ۾ نئين گرين فيلڊ ايئرپورٽ جي فيزيبلٽي اسٽڊي بابت بريفنگ ڏني وئي. تجويز ڪيل ايئرپورٽ کي هڪ علائقائي گيٽ وي طور تصور ڪيو ويو آهي جيڪو اپر سنڌ ۽ پرپاسي جي علائقن جي خدمت ڪندو جنهن جي سالياني گنجائش 1.6 ملين مسافرن تائين هوندي ۽ وڏي جهازن جي آپريشن جي اجازت هوندي. ايئرپورٽ کي ڪراچي کان رخ تبديل ڪندڙ جهازن لاءِ متبادل طور استعمال ڪرڻ جي به تجويز آهي. فيزيبلٽي اسيسمينٽ مان معلوم ٿيو آهي ته موجوده سکر ايئرپورٽ کي فضائي حدود، زمين ۽ مستقبل جي توسيع سان لاڳاپيل رڪاوٽن جو سامهون آهي. تجويز ڪيل گرين فيلڊ سهولت تجارتي ايوشن ۽ علائقائي رابطي لاءِ وڌيڪ گنجائش فراهم ڪندي. مطالعي مان اشارو مليو ته وسيع سکر ريجن ۾ هڪ وڏي ڪيچمينٽ آبادي آهي جنهن ۾ ٽن ڪلاڪن جي ڪيچمينٽ ۾ 29.6 ملين کان وڌيڪ ماڻهو آهن. جنهن سان علائقي ۾ بهتر فضائي رابطي جي ڪيس کي مضبوطي ملي ٿي. پي اي اي چيو ته نئين ايئرپورٽ جي تعمير لاءِ لڳ ڀڳ 3,000 ايڪڙ زمين گهربل هوندي ۽ زمين جي حاصلات جي عمل ۾ سنڌ حڪومت کان سهڪار گهريو ويو. ان پڻ تجويز ڪئي ته علائقائي ترقياتي اسڪيمن کي ايئرپورٽ پراجيڪٽ سان هم آهنگ ڪيو وڃي ۽ سنڌ حڪومت کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) موڊ ذريعي شرڪت تي غور ڪرڻ جي دعوت ڏني جنهن ۾ زميني برابري ۽ ٻيون گڏيل طور تي طئي ٿيل ترتيبون شامل آهن. وڏي وزير لاڳاپيل صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي ته زمين ۽ رابطي جي معاملن تي پي اي اي سان هم آهنگي کي آسان بڻايو وڃي ۽ تجويز ڪيل پارٽنرشپ جي انتظامن جو جائزو ورتو وڃي ته جيئن منصوبو گڏيل طريقي سان اڳتي وڌي سگهي. جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي: ملاقات ۾ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي جاري بهتري ۽ جديديت جو به جائزو ورتو ويو. پي اي اي وڏي وزير کي مسافرن جي سهولتن ۾ بهتري بابت بريفنگ ڏني، جنهن ۾ فلورنگ، سيلنگ، وال ڪليڊنگ، لائٽنگ، سائنيج، ڪائونٽرز، بلڊنگ جوائنٽس ۽ ڪار پارڪنگ شامل آهن. جنهن ۾ سنڌ سيپيا جي ثقافتي ورثي ۽ تاريخ کي ظاهر ڪندڙ عنصر پڻ شامل آهن. پي سي ون (PC-I) ۽ تفصيلي ڊيزائن تياري هيٺ آهن. جنهن لاءِ تجويز ڪيل منصوبي جو مدو ٻه سال آهي. بريفنگ ۾ وڌيڪ جي آءِ ايم پي (JIAP) تي فليگ شپ رن وي پراجيڪٽ کي به شامل ڪيو ويو جنهن تحت رن وي کي ٻيهر تعمير ڪيو ويو ۽ 3,200 ميٽرن مان وڌائي 3,500 ميٽر ڪيو ويو جنهن کي اپ گريڊ ڪيو ويو پريزنٽيشن ۾ ٻڌايو ويو ته ڪم معاهدي جي مدت ۾ مڪمل ڪيو ويو ۽ آپريشنل ڪيو ويو ان سان گڏ ٽيڪسي وين ايئر فيلڊ لائٽنگ ۽ نيويگيشنل امداد ۾ پڻ بهتري آندي وئي. پي اي اي پڻ وڏي وزير کي جي آءِ ايم پي تي هڪ نئين 285 فٽ اي ٽي سي (ATC) ٽاور ۽ هڪ جديد 10 بي فائر اسٽيشن جي تجويز ڪيل اڏاوت بابت بريفنگ ڏني نئين سهولتن جو مقصد ڏسڻ جي صلاحيت، نگراني، هنگامي جواب ۽ مستقبل جي حوالي سان تيار ائرسائيڊ آپريشنز کي بهتر بڻائڻ آهي. ايئرپورٽ ٽرمينل جي تجويز ڪيل توسيع تي به خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي. هڪ توسيع واري آپشن تحت، موجوده مسافر ٽرمينل بلڊنگ جيڪا لڳ ڀڳ 115,000 اسڪوائر ميٽر آهي. تنهن کي وڌائي لڳ ڀڳ 400,000 اسڪوائر ميٽر ڪيو ويندو، جڏهن ته بورڊنگ برجز 12 مان وڌائي 25 ڪيا ويندا. ٻيو آپشن 50 بورڊنگ برجز سان گڏ هڪ وڏي ترقي جو تصور ڏئي ٿو ۽ سالياني 75 ملين مسافرن تائين جي گنجائش فراهم ڪري ٿو. وڏي وزير لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته روڊن جي رابطي، زمين سان لاڳاپيل مسئلن ۽ ٻين صوبائي معاملن تي پي اي اي سان ويجهي هم آهنگي قائم رکي وڃي جيڪي ايئرپورٽ جي توسيع ۽ جديديت لاءِ گهربل آهن. حيدرآباد ايئرپورٽ اپ گريڊيشن: پي اي اي حيدرآباد ايئرپورٽ جي اپ گريڊيشن جا منصوبا پڻ پيش ڪيا جنهن کي هڪ امڪاني علائقائي ايوشن حب ۽ ڪراچي لاءِ متبادل ايئرپورٽ طور بيان ڪيو ويو. تجويز ڪيل ترقي موجوده 7,000 فٽ رن وي کي 11,500 فٽ تائين اپ گريڊ ڪرڻ جو تصور ڏئي ٿي ان سان گڏ جديد ايوشن بنيادي ڍانچي ۽ حفاظتي بهتري پڻ شامل آهي. هن منصوبي جو مقصد علائقائي رابطي کي مضبوط ڪرڻ، معاشي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۽ حيدرآباد ۽ پرپاسي جي علائقن مان زرعي ۽ ٻين شين جي نقل ۽ حمل کي آسان بڻائڻ آهي. هي جي آءِ ايم پي تي آپريشنل رڪاوٽن جي ڪري متاثر ٿيندڙ پروازن لاءِ هڪ اضافي متبادل آپشن پڻ فراهم ڪندو. پي اي اي حيدرآباد ايئرپورٽ جي لڳ ڀڳ 1,473 ايڪڙ زمين تي زمين جي ميوٽيشن ۽ غيرقانوني قبضن جي اثر هيٺ مسئلن کي نمايان ڪيو ۽ معاملي کي حل ڪرڻ ۽ حڪمت عملي واري منصوبي تي عملدرآمد کي آسان بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو سهڪار گهريو. وڏي وزير لاڳاپيل صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي ته زمين جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي ڏٺو وڃي ۽ حيدرآباد ايئرپورٽ جي ترقي کي آسان بڻائڻ لاءِ پي اي اي سان رابطو ڪيو وڃي ڪيٽي (CATI) ايوشن يونيورسٽي بڻجندي: ملاقات ۾ سول ايوشن ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (CATI) حيدرآباد کي پاڪستان جي بهترين مخصوص ايوشن يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرڻ تي به خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي. 1982ع ۾ 100 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين تي قائم ٿيل ڪيٽي آءِ سي اي او (ICAO) جي علائقائي تربيتي مرڪز طور ڪم ڪيو آهي ۽ 2,500 ڪورسز ذريعي 25,000 کان وڌيڪ تربيت وٺندڙن کي تربيت ڏني آهي جن ۾ 49 ملڪن جا شرڪت ڪندڙ پڻ شامل آهن ان جا چار اسڪول ايئر نيويگيشن سروسز ايئرپورٽ سروسز ريگيوليٽري سروسز ۽ ايوشن مئنيجمينٽ تي ٻڌل آهن پي اي اي وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ته هن وقت پاڪستان ۾ ڪا به ايڇ اي سي (HEC) مان منظور ٿيل يونيورسٽي ناهي جيڪا خاص طور تي ايوشن ۽ ان سان لاڳاپيل شعبن لاءِ مخصوص هجي ۽ چيو ته تجويز ڪيل يونيورسٽي تربيت يافته ايوشن پيشه ور ماڻهن جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪندي پي اي اي انسٽيٽيوٽ تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوٽڙي کي حيدرآباد شهر سان ڳنڍيندڙ روڊ جي تعمير لاءِ سنڌ حڪومت جو سهڪار گهريو ان لاڳاپيل زميني مسئلن جي حل سان مشروط طور تي تجويز ڪيل ايوشن يونيورسٽي لاءِ سائيٽ تي موجود گري اسٽريڪچرز کي استعمال ڪرڻ جي به تجويز ڏني. وڏي وزير هن قدم کي پليڪار ڪيو ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته تجويز ڪيل روڊن جي رابطي ۽ ٻين صوبائي ضرورتن جو جائزو ورتو وڃي ته جيئن ايوشن ايجوڪيشن جي سهولت کي هٿي ملي سگهي سنڌ حڪومت ايوشن جي ترقي کي آسان بڻائيندي: وڏي وزير سنڌ ۾ ايوشن بنيادي ڍانچي جي منصوبن تي وقت سر عملدرآمد لاءِ صوبائي حڪومت ۽ پي اي اي جي وچ ۾ هم آهنگ منصوبابندي جي اهميت تي زور ڏنو هن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي اختيارين جي اندر ضروري سهولتون فراهم ڪن خاص طور تي زمين، روڊن جي رابطي، ترقياتي منصوبابندي ۽ ضلعي انتظاميا سان هم آهنگي جي حوالي سان. وڏي وزير چيو ته بهتر ايوشن بنيادي ڍانچي سان سنڌ جي وڏن شهرن ۽ معاشي مرڪزن جي وچ ۾ رابطا مضبوط ٿيندا، واپار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ملندي، سياحت کي هٿي ملندي ۽ مسافرن جي سهولتن ۾ بهتري ايندي هن پي اي اي جي وفد کي يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت حڪمت عملي جي لحاظ کان اهم منصوبن لاءِ ضروري سهڪار فراهم ڪندي ۽ لاڳاپيل کاتا پي اي اي سان صوبائي سطح جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ عملدرآمد کي آسان بڻائڻ لاءِ رابطي ۾ رهندا. وڏي وزير اختيارين کي اهي به هدايت ڪئي ته ايئرپورٽ جي ترقي کي علائقائي روڊ نيٽ ورڪ ۽ وسيع تر ترقياتي منصوبابندي سان مناسب طور تي مربوط ڪيو وڃي ته جيئن وڏي ايوشن سيڙپڪاري جي فائدن کي وڌ کان وڌ بڻائي سگهجي ملاقات ادارتي هم آهنگي برقرار رکڻ ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار جي گهرج وارن معاملن تي ڪم کي تيز ڪرڻ جي معاهدي سان پڄاڻي تي پهتي

بقايا | 4 | "روزاني عبرت"

معاملن بابت خاص معاون ۽ سنڌ اوقاف ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جو چيئرمين ڊاڪٽر شام سندر کي ايڊواڻي معياري پهچي ڪجهه ڏينهن اڳ پوڄا پاٺ دوران ٻڏي فوت ٿي ويل ٽن ڄڻن جي وارثن سان تعزيت ڪئي ۽ متاثر خاندانن جي مالي سهائتا لاءِ 2 لک رپيا جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر شام سندر کي ايڊواڻي فوت ٿيلن جي وارثن سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ متاثر خاندانن سان گڏ آهيون ۽ هر ممڪن سهڪار جاري رکيو ويندو ۽ بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر شام سندر کي ايڊواڻي چيو ته پريا ڪماري لاءِ هاڻ جيڪا بي جي آءِ ٽي ٺهي آهي اميد ته ان مان سٺي اميد ملندي ۽ جلدپريا ڪماري اسان سان گڏ هوندي، سنڌ کي ورهائڻ جون ڳالهيون قابل قبول ناهن، صوبا ڪنهن به صورت ۾ نه ٺهندا، سنڌ اسان هنڌن سان گڏ سڀني جي ماءُ آهي جنهن لاءِ پيپلز پارٽي پنهنجو چٽو موقف اختيار ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سنڌ جي امن پائيداري ۽ عوام جي حقن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، جڏهن ته اقليتي برادري جي تحفظ ۽ ڀلائي لاءِ پڻ قدم کنيا پيا وڃن

بقايا | 5 | "روزاني عبرت"

سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس پاڪستان جي صوبي خيبرپختونخواهه ۾ مسجد ۾ ٿيل بم ڌماڪي جي شديد مذمت ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ ميڊيا کي ٻڌايو ته سيڪريٽري جنرل چيو آهي ته شهرين ۽ عبادت گاهن کي نشانو بڻائيندڙ حملا ناقابل قبول آهن ۽ حملي جي ذميوارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ گهرجي هن چيو ته انتونيو گوٽريس دهشتگردي ۽ انتهاپسندي خلاف ڪوشش ۾ پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام سان گڏيل قومن جي يڪجهتي جو اظهار ڪيو آهي پوليس ريسڪيو عملدارن مطابق جمعي ڏينهن ڪي پي ڪي ۾ پوليس جي رهائشي ڪمپائونڊ اندر ٿيل آپگهاتي حملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 21 ڄڻا شهيد ۽ 103 زخمي ٿيا هئا

بقايا | 6 | "روزاني عبرت"

وزارت چيو آهي ته ملڪ جو بجلي جو قومي نظام مڪمل طور ناڪام ٿي ويو آهي، جنهن سبب اٽڪل 9.4 ملين آبادي واري ٻيٽ ۾ بجلي جي فراهمي معطل ٿي وئي آهي ميڊيا مطابق ڪيوبا جو بجلي پيدا ڪندڙ نظام بارڻ جي کوٽ ۽ خراب ٿيل بنيادي ڍانچي سبب شديد دٻاءَ جو شڪار آهي جڏهن ته بار بار ٿيندڙ بجلي جي بندش سبب قومي گرڊ جي فعال هجڻ باوجود لکين ماڻهو بجلي کان محروم رهن ٿا

بقايا | 7 | "روزاني عبرت"

سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس فلسطيني عملدارن کي آمريڪي ويزائون جاري نه ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪيو ويو آهي جنهن سبب فلسطيني صدر محمود عباس هلندڙ سال گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ذاتي طور تي شرڪت نه ڪري سگهندو گڏيل قومن جي ترجمان اسٽيفن دوجارڪ جمعي ڏينهن ميڊيا کي ٻڌايو ته سيڪريٽري جنرل آمريڪا طرفان فلسطين لبريشن آرگنائيزيشن (پي ايل او) جي ميمبرن ۽ فلسطيني اٿارٽي جي عملدارن کي گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شرڪت کان روڪڻ لاءِ ويزائن بابت پابنديون جاري رکڻ جي اعلان تي گهري افسوس جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته انتونيو گوٽريس ميزبان ملڪ آمريڪا تي زور ڀريو آهي ته هو 1947ع جي گڏيل قومن - آمريڪا هيڊڪوارٽرز معاهدي تحت پنهنجي ذميوارين مطابق سمورن وفدن کي ويزا جاري ڪري. سيڪريٽري جنرل ان معاملي تي آمريڪي عملدارن سان رابطو جاري رکندو

بقايا | 8 | "روزاني عبرت"

پيداوار بابت وزيراعظم جي صلاحڪار هارون اختر خان چيو آهي ته حڪومت جلد نئين آٽوپاليسي متعارف ڪرائيندي جنهن ۾ آٽو سيڪٽر جي مينيوفيڪچررز سميت سمورن اسٽيڪ هولڊرز لاءِ رعايتون شامل هونديون. صنعت ۽ پيداوار واري وزارت پاران ڇنڇر تي جاري پڌرائي مطابق پاڪستان انٽرنيشنل آٽو شو 2026ع جي افتتاح جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن تحت حڪومت آٽوپارٽس جو روانگي واپار وڌائڻ ۽ مقامي صنعت کي عالمي مارڪيٽن تائين پهچ ڏيارڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. سميڊا، پاڪستان ايسوسيئيشن آف آٽوموٽو پارٽس اينڊ ايڪسسريز مينيوفيڪچررز جي حصيداري سان 21هين پاڪستان انٽرنيشنل آٽو شو 2026ع ۾ اسٽريٽجڪ پارٽنر طور شرڪت ڪري رهيو آهي. 3 ڏينهن واري نمائش لاهور ايڪسپو سينٽر ۾ جاري آهي جنهن ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي صنعتڪار، ڪاروباري شخصيتون ۽ نمائندا شريڪ آهن. ان موقعي تي هارون اختر خان چيو ته پاڪستان آٽو موٽو صنعت ۾ ترقي ۽ روانگي واپار جا وسيع امڪان موجود آهن. پاڪستان آٽو شو مقامي مينيوفيڪچرنگ، جدت ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم پليٽ فارم آهي. پي اي ايس 2026ع جي ڪنوينر سلمان سليم سميڊا جي شراڪتداري جي آجيان ڪندي چيو ته ان سان ايس ايم اي جي شرڪت ۽ "ميڪ ان پاڪستان" ويزن تحت مقامي مينيوفيڪچرنگ کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش کي سگهه ملندي

بقايا | 9 | "روزاني عبرت"

چيئرمين سينيٽ سيدال خان چيو آهي ته پاڪستان ۽ چين جا سفارتي لاڳاپا صرف 75 سالن جي سفارتي سفر نه پر گڏيل اعتماد، احترام، تعاون ۽ آزمائش جي هر گهڙي ۾ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ جي شاندار داستان آهي 21 مئي 1951ع تي قائم ٿيل پاڪ چين سفارتي لاڳاپا وقت سان هڪ مضبوط، مستحڪم ۽ گهڻ رخي حصيداري ۾ تبديل ٿي چڪا آهن سينيٽ سيڪريٽريٽ جي ميڊيا ڊائريڪٽوريٽ موجب هن اظهار پاڪستان ۽ چين جي سفارتي لاڳاپن جي قيام جي 75هين سالگره جي موقعي تي ڊپلوميٽڪ فوڪس جي انتظام هيٺ ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين ڊپلوميٽڪ فوڪس جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ميان فضل الاهي جو تقريب ڪوٺائڻ ۽ ڪيس شرڪت جي دعوت ڏيڻ تي ٿورو مڃيو هن چيو ته گذريل ساڍن 7 ڏهاڪن دوران عالمي ۽ علائقائي حالتن ۾ نمايان تبديليون آيون جڏهن ته پاڪستان ۽ چين جي لاڳاپن ۾ تسلسل ۽ استحڪام برقرار رهيو ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي خودمختياري، قومي مفادن ۽ ترقي جي حق جو احترام ڪيو ۽ مشڪل وقتن ۾ هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا هن چيو ته پاڪستان ۽ چين جا لاڳاپا هاڻي صرف حڪومتن ۽ رياستي ادارن تائين محدود نه پر ٻنهي ملڪن جي عوام وچ ۾ محبت، اعتماد ۽ خيرسگالي هن رشتي کي وڌيڪ مضبوط بنياد فراهم ڪيو. واپار، سيڙپڪاري، تعليم، زراعت، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، توانائي، بنيادي ڍانچي ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ ٻه طرفي تعاون جا وسيع امڪان موجود آهن سيدال خان چيو ته چين پاڪستان اقتصادي راهداري سي پيڪ پاڪ چين حصيداري جو هڪ اهم اظهار آهي، جنهن رابطڪاري، توانائي، بنيادي ڍانچي ۽ صنعتي تعاون جا نوان موقعا پيدا ڪيا. هن چيو ته مستقبل ۾ هن تعاون کي وڌيڪ هٿي ڏيندي صنعت، زراعت، جديد ٽيڪنالاجي، سيڙپڪاري ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي سينيٽ جي ڊپٽي چيئرمين پاڪ چين لاڳاپن ۾ پارلياماني ۽ عوامي سفارتڪاري جي اهميت کي اجاگر ڪندي چيو ته پارليامينٽ عوام جي قانونسازي جو ادارو نه پر عوام جي جذبن خواهشن ۽ امنگن جي نمائندگي جو ادارو هوندو آهي ٻنهي ملڪن جي پارلياماني وفدن جي مٽاسٽا، گڏيل ملاقاتون ۽ رابطا هڪ ٻئي کي سمجهڻ ۽ ٻه طرفي تعاون کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

بقايا | 10 | "روزاني عبرت"

لاءِ پروف آف لائيف جي آسان سهولت جي جاري ٿيڻ ڪانپوءِ 20 آگسٽ 2026ع کان وٺي هن وقت تائين 3 لک 37 هزار کان وڌيڪ پينشنرز سرٽيفڪيٽ حاصل ڪري چڪا آهن نادرا مطابق پاڪ آءِ ڊي جي هڪ لک 74 هزار 906 صارفين سهولت مان فائدو کنيو آهي جيڪو سهولت مان فائدو حاصل ڪندڙن جي مجموعي انگ جو 52 سيڪڙو آهي تفصيل مطابق نادرا رجسٽريشن سينٽرز کان هڪ لک 34 هزار 521 صارفين يعني 40 سيڪڙو اي سهولت مرڪز کان 24 هزار 248 يعني 7 سيڪڙو ۽ موبائيل رجسٽريشن وينز کان 3 هزار 585 يعني هڪ سيڪڙو پينشنرز پروف آف لائيف جي آسان سهولت مان فائدو حاصل ڪيو آهي اهڙي طرح اٽڪل 52 سيڪڙو پينشنرز پاڪ آءِ ڊي ذريعي آن لائين گهر ويٺي پروف آف لائيف سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو جڏهن ته ٻين پينشنرز لاءِ نادرا رجسٽريشن سينٽرز اي سهولت مرڪز ۽ موبائل سهولتون به دستياب آهن نادرا پينشنرز کي هدايت ڪئي آهي ته پروف آف لائيف لاءِ توهان پنهنجي سهولت مطابق آن لائين يا ويجهي نادرا سروس چينل استعمال ڪري سگهو ٿا. نادرا طرفان واضح ڪيو ويو آهي ته ڪجهه عنصر جعلي ڪالز ۽ پيغامن ذريعي پينشنرز کي گمراهه ڪري رهيا آهن انهن جي ڳالهين تي ڌيان نه ڏنو وڃي. ڪنهن شڪايت جي صورت ۾ نادرا جي هيلپ لائين يا ويجهي نادرا آفيس يا اي سهولت مرڪز سان رابطو ڪيو وڃي جيڪڏهن توهان جي سڃاڻپ ڪارڊ نمبر پينشنرز جي فهرست ۾ شامل نه آهي ته پنهنجي کاتي سان رابطو ڪرڻ گهرجي

بقايا | 11 | "روزاني عبرت"

سيڪريٽري ڪاليجز نديم الرحمٰن ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪاليج ايجوڪيشن کاتي تحت صوبي جي 13 ڪيڊٽ ڪاليجن ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن بابت هڪ جائزه اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪيڊٽ ڪاليجن ۾ هلندڙ ترقياتي اسڪيمن جي اڳڀرائي، فنڊ جاري ڪرڻ، اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ ۽ آئيندي جي حڪمت عملي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ اسپيشل سيڪريٽري آصف جان صديقي، چيف انجنيئر محمد سليم شيخ ڊائريڪٽر پلاننگ سجاد علي ابڙو ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊوليپمينٽ سعيد احمد ابڙو سميت لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪيڊٽ ڪاليج اسٽيل ملز ڪراچي ڪيڊٽ ڪاليج پٽارو گهاپ، سانگهڙ بختاور ڪيڊٽ ڪاليج شهيد بينظير آباد، پنوعاقل خيرپور ميرس، جيڪب آباد، ملير بدين، لاڙڪاڻو ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمر جي پرنسپالن پروجيڪٽ ڊائريڪٽرن ۽ نمائندن پنهنجن لاڳاپيل ڪاليجن ۾ جاري ترقياتي منصوبن جي اڳڀرائيءَ بابت بريفنگ ڏني سيڪريٽري نديم ميمڻ گهٽ فنڊ جاري ٿيندڙ ترقياتي اسڪيمن لاءِ سنڌ جي خزاني واري کاتي سان فوري رابطو ڪري گهربل فنڊ جاري ڪرڻ جي يقيني بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي سيڪريٽري ڪاليجز مڪمل ٿيل ترقياتي اسڪيمن جي ڪمپليشن پي سي فور به جلد تيار ڪري پلاننگ ۽ ڊوليپمينٽ کي جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ڪاليج ايجوڪيشن ورڪس ذريعي تعمير ٿيندڙ ڪيڊٽ ڪاليج بدين ۽ ڪيڊٽ ڪاليج ملير/لاڙڪاڻو ۾ پرنسپل جي مقرريءَ جو به جائزو ورتو ويو ۽ فيصلو ڪيو ويو ته لاڳاپيل ادارن کي خط لکي ٻنهي ڪاليجن لاءِ پرنسپالن جي مقرريءَ جو عمل مڪمل ڪيو ويندو سيڪريٽري ڪاليجز ترقياتي اسڪيمن جي اڳڀرائيءَ تي باقاعدي نگراني ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ اثرائتي رابطي کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪندي چيو ته هلندڙ منصوبن جي مڪمل ٿيڻ ۾ غير ضروري دير بلڪل برداشت نه ڪئي ويندي

بقايا | 12 | "روزاني عبرت"

وزيراعظم کي چٽي رهيو آهيان ته منهنجون ڳالهيون ٻڌن پر هو تمام گهڻو مصروف آهي، وڏا 18هين ترميم جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن پنجاب ۾ به اهو ٿي رهيو آهي جيڪو سنڌ ۾ ٿي رهيو آهي ڪراچي پريس ڪلب ۾ صحافين سان ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته ڪراچي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي پر ملڪي سياست ۾ هن شهر کي اهو مقام حاصل ناهي جيڪو هئڻ گهرجي ڪراچي کي سياسي مقام ملڻ گهرجي قيصر احمد شيخ چيو ته دنيا برآمدات ذريعي ترقي ڪئي آهي، وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل بهترين سفارتڪاري ڪري رهيا آهن هاڻي ان کان اڳتي ملڪ جون برآمدات وڌائڻ جي ذميواري اسان جي شعبي جي آهي. هن چيو ته بورڊ آف انويسٽمينٽ ضابطن ۾ گهٽتائي آڻڻ تي ڪم ڪري رهيو آهي جڏهن ته سياسي پارٽيون پاڻ ۾ وڙهنديون رهنديون ۽ حالتون تبديل نه ٿينديون هر سياسي پارٽي وٽ بيوروڪريٽن جو پنهنجو گروپ آهي وفاقي وزير چيو ته هو وزيراعظم کي مسلسل چٽي رهيو آهي ته سندس ڳالهيون ٻڌي، پر وزيراعظم ڏاڍو مصروف آهي اميد آهي ته جلد ساڻس ملاقات ٿيندي هن وڌيڪ چيو ته 18هين ترميم جو غلط استعمال ٿي رهيو آهي وڏا وزير 18هين ترميم جو غلط استعمال ڪري رهيا آهن سنڌ ۾ جو هو ٿي رهيو آهي جيڪو پنجاب ۾ ٿي رهيو آهي

بقايا | 13 | "روزاني عبرت"

اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته انهن تبديلين جو مقصد حقدارن خاص ڪري موٽر سائيڪلن رڪشائن ۽ چنگچي جي استعمال ڪندڙن کي سهولت جي فراهمي آهي. ميڊيا بريفنگ دوران وفاقي وزير چيو ته اسڪيم تحت اهليت جو دائرو وڌايو ويو آهي ۽ هاڻي ان ۾ پهرين جنوري 2026ع کان رجسٽرڊ موٽر سائيڪلن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي جڏهن ته ان کان اڳ 2011ع جي حد مقرر هئي هن چيو ته هي فيصلو پراڻين موٽر سائيڪلن جي اهليت جي حوالي سان شهرين ۽ صحافين کان ملندڙ رائين کي نظر ۾ رکندي ڪيو ويو آهي شزه فاطمه خواجه ٻڌايو ته ٻن ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين لاءِ 500 رپيا في ٽوڪن جي حد ۾ ترميم ڪئي وئي آهي نظرثاني ٿيل طريقيڪار تحت في ٽوڪن پنج ليٽر جي اڳوڻي حد ختم ڪئي وئي آهي جنهن سان اهل موٽر سائيڪلن رڪشائن ۽ چنگچي جا مالڪ پنهنجي ضرورت موجب تيل خريد ڪري سگهندا هن چيو ته ٻن ۽ ٽن ڦيٿن وارين گاڏين جا اهل صارفين ماهوار 4 ٽوڪن حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ هر ٽوڪن تي 500 رپين جي رليف جي رقم شامل هوندي هن وضاحت ڪئي ته جيڪڏهن 2 ليٽر پيٽرول جي قيمت 780 رپيا آهي ته 500 رپين جو رليف ٽوڪن استعمال ڪرڻ کان پوءِ حقدار صارف کي 280 رپيا ادا ڪرڻا پوندا وفاقي وزير چيو ته ٻين وڏي تبديلي هن اسڪيم ۾ ايس ايم ايس چارجز جو مڪمل خاتمو آهي هن چيو ته ايس ايم ايس جي سهولت سڀني لاءِ مفت ڪئي وئي آهي توڙي جو ان وٽ 800 سي سي جي گاڏي هجي يا ٻن ۽ ٽن ڦيٿن واري سواري هجي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري بيان موجب هفتيوار هڪ ٽوڪن جاري ڪيو ويندو ۽ هڪ مهيني ۾ مجموعي طور 4 ٽوڪن جاري ڪيا ويندا اسڪيم ۾ 800 سي سي تائين گاڏي استعمال ڪندڙ اڳ وانگر هر 10 ڏينهن ۾ 10 ليٽر پيٽرول تي 100 رپيا في ليٽر جي رعايت حاصل ڪري سگهندا ايئن هڪ مهيني ۾ 10 ليٽر جا 3 ٽوڪن جاري ڪرڻ جو سلسلو پڻ هلندو رهندو شزا فاطمه چيو ته انهن قدمن جو مقصد ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته وڌ کان وڌ ماڻهو هن رليف مان فائدو حاصل ڪن ۽ شهرين کي درپيش ڏکيائين جو مسلسل ازالو ڪري سگهجي وفاقي وزير چيو ته ڇنڇر جي منجهند 3 وڳي تائين اسڪيم تحت 17 لک 50 هزار کان وڌيڪ رجسٽريشنز مڪمل ٿي چڪيون هيون جڏهن ته تقريباً 15 لک ٽوڪن جاري ڪيا ويا هئا هن ٻڌايو ته پيٽرول اسٽيشنن تي 6 لک 80 هزار کان وڌيڪ ٽوڪن اڳ ئي استعمال ڪيا ويا آهن هن چيو ته حڪومت رجسٽريشن ۽ ٽوڪن جي استعمال جي انگن اکرن جي ڪڙي نگراني ڪري رهي آهي جڏهن ته وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڻ هن اسڪيم کي لاڳو ڪرڻ واري عمل جو جائزو وٺي رهيو آهي هن چيو ته نائب وزيراعظم جي اڳواڻي ۾ قائم اسٽيئرنگ ڪميٽي ۽ هڪ عملدرآمد ڪميٽي قائم ڪرڻ سان لاڳاپيل مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل وزارتن، ڪاڻ، اوگرا، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ۽ ٻين ادارن سان گڏجي ڪم ڪري رهي آهي هوڏانهن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ بارڻ جي سبسڊي بابت قومي اسٽيئرنگ ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ وزيراعظم جي خصوصي رليف اسڪيم لاڳو ڪرڻ جو جائزو ورتو ويو ڇنڇر ڏينهن نائب وزيراعظم جي آفيس مان جاري بيان مطابق ڪميٽي کي ٻڌايو ويو ته سڄي ملڪ ۾ بارڻ اسٽيشنن جي وڏي اڪثريت نظام تي فعال آهي جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ 9771 تي ايس ايم ايس ذريعي رجسٽريشن جو عمل جاري آهي ۽ شهري قيمتي ٽوڪن حاصل ڪري رهيا آهن ڪميٽي انٽرنيٽ ڪنيڪٽيويٽي کان محروم علائقن ۾ واقع پيٽرول پمپس لاءِ ايس ايم ايس ذريعي بارڻ جي ٽوڪن جي ريڊيمپشن جي منظوري ڏني آزاد جمون ڪشمير گلگت بلتستان ۽ صوبا اهڙين اسٽيشنن جون فهرستون فراهم ڪندا ته جيئن انهن کي بنا دير اسڪيم ۾ شامل ڪري سگهجي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان ڪميٽي کي آگاهه ڪيو ته گذريل 3 ڏينهن ۾ مليل سموري پيمينٽ ڪليمز مڪمل طور تي حل ڪري ڇڏيا آهن هر ڏينهن ملندڙ ڪليمز انهي ڏينهن اڪلايا پيا وڃن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير هدايت ڪئي ته هر اهو پيٽرول پمپ جيڪو کليل ۽ فعال آهي انهي کي نظام ۾ شامل ڪيو وڃي ۽ جيڪا اسٽيشن مستقل طور تي بند يا صرف ڊيزل جي وڪري سان واڳيل هجي انهن جي نشاندهي ڪري فهرست سان ڪيو وڃي ته جيئن اسڪيم جي ڪوريج زميني صورتحال جي عڪاسي ڪري نائب وزيراعظم/ پرڏيهي وزير صوبائي انتظاميه جي ڪوشش کي ساراهيو ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي تعاون جو اعتراف ڪيو ۽ چيو ته امداد بنا ڪنهن رڪاوٽ جي گهربل حقدارن تائين پهچائيندي رهڻ گهرجي اجلاس ۾ پيٽروليم اقتصادي معاملن اطلاعات ۽ نشريات ۽ آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن وارن وزيرن اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي ڊپٽي گورنر اوگرا چيئرمين پاڪستان ڊجيٽل اٿارٽي جي چيئرمين ۽ ٻين شرڪت ڪئي

بقايا | 14 | "روزاني عبرت"

بابت قومي ٽاسڪ فورس جي اهم اجلاس ۾ پوليو جي خاتمي واري مهم جي باقاعدي شروعات جو اعلان ڪيو ويو آهي تقريب ۾ منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال، پوليو پروگرام جي فوڪل پرسن عائشه رضا فاروق ۽ نجي شعبي جي نمائندن شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته گذريل سال پوليو جي 30 کان گهٽ ڪيس جي ڀيٽ ۾ هلندڙ سال ڪيسن جو انگ 4 رهجي ويو آهي هن چيو ته هڪ ٻار جو پوليو جو شڪار ٿيڻ ٻين ٻارن ۾ بيماري جي ڦهلاءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو هن چيو ته جڏهن ڪو ٻار پوليو جو شڪار ٿئي ٿو ته ان جي سڄي زندگي جا خواب متاثر ٿين ٿا هن والدين تي زور ڀريو ته پوليو ورڪرز جي دروازي تي اچڻ کي نظرانداز نه ڪيو وڃي هن چيو ته حڪومت يونيورسٽين جي 10 لک نوجوانن کي صحت ۽ معاشرتي آگاهي مهم لاءِ متحرڪ ڪري رهي آهي وفاقي وزير پوليو مهم ۾ نجي شعبي، صوبائي حڪومتن ۽ ورڪرز جي خدمتن کي تعريف جوڳو قرار ڏنو

بقايا | 15 | "روزاني عبرت"

ٽرمپ روس تي نئين پابندين لاڳو ڪرڻ واري بل تي صحيح ڪري ان کي قانوني شڪل ڏئي ڇڏي پرڏيهي ميڊيا مطابق وائيٽ هائوس مطابق لنڊسي گراهم سينڪشننگ رشيا اينڊ ايران ايڪٽ 2026ع تحت روس تي لاڳو پابندين محصولن ۽ ٻين پابندين ۾ واڌ ڪئي وئي آهي جڏهن ته ايران تي موجوده پابندين جو مُدو به وڌايو ويو آهي قانون تحت روسي عملدارن بئنڪن ۽ روسي توانائي جي ترسيل لاءِ استعمال ٿيندڙ بحري جهازن تي پابنديون مڙهيون وينديون ان کان علاوه صدر ٽرمپ کي روسي تيل يا قدرتي گيس جي پنج وڏن آمدني واپار ڪندڙن وڏن ايندڙ شين تي به 100 سيڪڙو تائين محصول لاڳو ڪرڻ جو اختيار به حاصل آهي قانون تحت ايران جي توانائي ۽ هٿيارن جي شعبن کي هدف بڻائيندڙ پابندين کي وڌيڪ 5 سال لاءِ توسيع ڏني وئي آهي اهو قانوني ٿوٽ قبل ويل سينيٽر لنڊسي گراهم سان منسوب ڪيو ويو آهي، جنهن ان قانونسازي لاءِ ڪوششون ڪيون هيون ۽ جولاءِ ۾ اوچتو بيماري سبب فوت ٿي ويو هو. آمريڪي نمائندن واري ايوان اهو بل اربع ڏينهن منظور ڪيس جڏهن ته سينيٽ ان جي منظوري 7 آگسٽ تي ڏئي چڪي آهي

بقايا | 16 | "روزاني عبرت"

رياض ۾ ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ پرسان باهه جا شعلا ۽ ڪارو دونهون اٿندي ڏٺو ويو آهي برطانوي ميڊيا اي ايف پي جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته ڇنڇر جي منجهند رياض ايئرپورٽ پرسان شاهدن دونهين جا ڪڪر اٿندي ڏٺا پرڏيهي ميڊيا موجب فلائيٽ ٽريڪنگ ويب سائيٽن تي رياض ايئرپورٽ تان ڪجهه اڏامون رد ۽ رولڙي جو شڪار ٿيون آهن رپورٽ موجب ايئرپورٽ پرسان آرامڪو جي بارڻ جي هڪ ٽينڪ ۾ باهه لڳڻ سبب دونهون اٿندي ڏٺو ويو جڏهن ته فائر فائٽرز باهه وسائڻ ۾ رڌل هئا باهه واري واقعي سبب ايئرپورٽ تي اڏامن جي ڪينسل ۽ دير سميت معمول جي آپريشن ۾ نمايان خلل پيو واضح رهي ته گذريل رات سعودي سول ڊفينس اداري رياض ۾ وارننگ ۽ ايمرجنسي سائرن فعال ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو جڏهن ته ان ڪانپوءِ الرٽ ختم ڪيو ويو

بقايا | 17 | "روزاني عبرت"

ميمڻ چين جي صوبي هونان جي شهر چانگشا ۾ ٿيل هونان انٽرنيشنل فرينڊشپ سٽيز اڪنامڪ اينڊ ٽريڊ ايڪسچينج ايونٽ اينڊ ڪو آپريشن ڊائيلاگ جي موقعي تي هونان پيپلز ڪانگريس جي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي نائب چيئرمين يانگ هائوننگ سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ سنڌ ۽ هونان وچ ۾ سيڙپڪاري، واپار ۽ گڏيل رابطن کي هٿي ڏيڻ تي زور ڀريو ويو چانگشا ۾ هونان انٽرنيشنل فرينڊشپ سٽيز اڪنامڪ اينڊ ٽريڊ ايڪسچينج ايونٽ ۾ سنڌ حڪومت جي اعليٰ سطحي وفد شرڪت ڪئي سنڌ حڪومت جي وفد جي قيادت سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ڪئي وفد ۾ وزير اعليٰ جي خاص مددگار قاسم نويد قمر ۽ سنڌ انٽرپرائزز ڊوليپمينٽ فنڊ ايس اي ڊي ايف جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر خضر پرويز به شامل هئا تقريب ۾ گوانگزو ۾ پاڪستان جو قونصل جنرل ياسر اقبال بٽ ۽ ٽريڊ اينڊ انويسٽمينٽ قونصلر محمد عمران به وفد سان گڏ موجود هئا ايونٽ ۾ دنيا جي 28 ملڪن جي وزيرن ۽ ٻين اعليٰ سطحي نمائندن شرڪت ڪئي هونان جي گورنر ماؤيوهنگ تقريب کي خطاب ڪندي غير ملڪي وفدن جي آجيان ڪئي ۽ هونان ۽ مختلف ملڪن جي صوبن وچ ۾ سسٽر پراونس تحت مضبوط جاندار لاڳاپا قائم ڪرڻ تي زور ڀريو سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هونان صوبي جي قيادت ۽ اختيارين سان ملاقاتون ڪيون جن ۾ سنڌ ۽ هونان وچ ۾ مختلف شعبن ۾ سهڪار کي وڌائڻ ۽ سيڙپڪاري جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ گڏيل اقتصادي ۽ واپاري رابطا مضبوط ڪرڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي شرجيل انعام ميمڻ سنڌ ۽ هونان وچ ۾ گهڻ رخن لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جي اهميت تي زور ڏيندي گڏيل سهڪار جي نون شعبن جي نشاندهي ۽ ٻنهي صوبن جي وچ ۾ عوامي رابطا وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي به گفتگو ڪئي

بقايا | 18 | "روزاني عبرت"

پرڏيهي پاليسي جي سربراهه ڪايا الاس چيو آهي ته احمر سمنڊ ۾ يورپي يونين جي بحري مشن "اسپيڊس" خطي ۾ صورتحال خراب هجڻ ڪانپوءِ پنهنجي بحري جهازن جي تياري جي سطح وڌائي ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق هن "ايڪس" تي هڪ پوسٽ ۾ وڌيڪ چيو ته سعودي عرب تي حوثي تنظيم جا حملا قبوليل جوڳا ناهن ۽ عالمي معيشت کي نقصان پهچائي رهيا آهن سندس چوڻ هو ته سعودي پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان آل سعود سان يمن ۾ جنگ ختم ڪرڻ ۽ آبناءِ هرمز ۾ جهاز راني جي آزادي ۽ بحال ڪرڻ لاءِ سفارتي ڪوششن تي ڳالهيون ٿيون آهن

بقايا | 19 | "روزاني عبرت"

جون آپريشن رد الفتنه 3 تحت بلوچستان ۾ دهشتگردن خلاف ڀرپور ڪارروائيون جاري آهن. سيڪيورٽي ذريعن مطابق بلوچستان جي ضلعن پنجگور ۽ چاغي ۾ سيڪيورٽي فورسز فتنه الهندستان جي 11 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو پنجگور جي علائقي گوارگو ۾ سيڪيورٽي فورسز ڪارروائي ڪندي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو سيڪيورٽي ذريعن چيو آهي ته پنجگور ۾ فتنه الهندستان جي مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارود به هٿ ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي فورسز چاغي جي علائقي امين آباد ۽ سياهه چنگ ۾ دهشتگردن جي خلاف انٽيليجنس ڪارروائيون ڪيون امين آباد ۽ سياهه چنگ ۾ آپريشنز دوران 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن ته انهن وٽان وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارود به هٿ ڪيو ويو آهي سيڪيورٽي فورسز طرفان دهشتگردن خلاف ڪارروائيون بدستور جاري آهن جيڪي آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جاري رهنديون هوڏانهن گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ڪوهاٽ پوليس لائين مسجد ڌماڪي ۾ ملوث سمورن خوارجين کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي 7 خوارجين کي عبرتناڪ انجام تي پهچائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي پيشيورانه صلاحيتن کي ساراهيو گهرو وزارت طرفان جاري بيان ۾ محسن نقوي چيو ته آپريشن ۾ حصو وٺندڙ سمورن بهادر سپوتن تي فخر آهي هن ڪوهاٽ ڌماڪي جي شهيدن کي قوم جو سلام پيش ڪندي چيو ته شهيدن جان قربان ڪري فرض شناسي جو اعليٰ مثال قائم ڪيو هن چيو ته شهيدن جي قربانين کي هميشه ياد رکيو ويندو

بقايا | 20 | "روزاني عبرت"

ڳالهائيندي چيو ته اسان سمورن پ پ جي ميمبرن سنڌ اسيمبلي جي فلور تي نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي ڀرپور مخالفت ڪئي آهي هن چيو ته پيپلز پارٽي جيئن ڪالاباغ ڊيم خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندي ان کي نه ٺهڻ ڏنو ائين ئي موجوده وقت ۾ سمورن ميمبرن نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي مخالفت ڪندي اڪثريت سان ٺهراءُ پاس ڪيو آهي صوبائي وزير ذوالفقار شاهه وڌيڪ چيو ته سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو نئون صوبو اسان جي لاشن تي ئي ٺهي سگهي ٿو اسان جي جيئري هوندي ڪو به سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري نه سگهندو، هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي ان حوالي سان صدر آصف زرداري جو پڻ چٽو موقف آهي ته سنڌ کي ٽڪرا ٿيڻ نه ڏينداسين. جڏهن ته پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ چٽي ڇڏيو آهي ته پيپلز پارٽي عوام جي پارٽي آهي ۽ عوامي حقن تي ڪابه سوديبازي نه ڪئي ويندي، صوبائي وزير ذوالفقار شاهه وڌيڪ ٻڌايو ته پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پڻ وزير طور پاڻ مڃايو آهي ۽ هو مستقبل جو وزيراعظم آهي هن چيو ته وفاقي حڪومت سنڌ سان زيادتي ڪري رهي آهي صوبائي وزير ٻڌايو ته سنڌ جي ثقافت کاتي ۾ جلد اهم تبديليون ٿينديون. هن ٻڌايو ته سنڌ جي تاريخي ماڳ موهن جو دڙو تي جلد بين القوامي سيمينار ڪوٺايو ويندو جنهن جون تياريون شروع ڪيون ويون آهن. ان کان اڳ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دور ۾ هڪ وڏو انٽرنيشنل سيمينار منعقد ٿيو هو جنهن ۾ 50 کان وڌيڪ پرڏيهي ملڪن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي هئي، اسان موهن جو دڙو جي تاريخي ماڳ جي تحفظ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون هن چيو ته سنڌ جي وڏو وزير مراد علي شاهه صوبي ۾ امن امان جي حوالي سان اهم قدم کنيا آهن سنڌ حڪومت عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشان آهي هن چيو ته پ پ جي چيئرمين بلاول ڀٽو جي سالگرهه شاندار نموني ملهائي ويندي جنهن ۾ صوبائي وزيرن پ پ جي اڳواڻن سميت اهم شخصيتون شرڪت ڪنديون

بقايا | 21 | "روزاني عبرت"

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سان ڳالهيون ڪيون آهن ٻنهي اڳواڻن تازي علائقائي اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ڇنڇر ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان مطابق نائب وزيراعظم خاص طور تي اسرندڙ ملڪن ۽ عالمي سپلاءِ چينز تي ان جي اثرن کي نظر ۾ رکندي توانائي جي بنا رڪاوٽ فراهمي ۽ سامونڊي جهازن جي محفوظ ۽ تيز رفتار اچ وڃ جي اهميت تي زور ڀريو هن ان ڳالهه تي به زور ڀريو ته ڳالهيون ۽ سفارتڪاري ئي علائقي ۾ امن ۽ استحڪام کي يقيني بڻائڻ جو واحد عمل جوڳو ذريعو آهي ٻنهي اڳواڻن ويجهي سهڪار برقرار رکڻ ۽ 81هين گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي موقعي تي نيويارڪ ۾ ملاقات ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ٻئي طرف نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ڇنڇر ڏينهن ملائيشيا جي پرڏيهي وزير محمد حسن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، جنهن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ لاءِ اعليٰ سطح تي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڀريو ويو پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب ٻنهي پرڏيهي وزيرن پاڪستان ۽ ملائيشيا جي ٻه طرفن لاڳاپن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي جنهن ۾ واپار ۽ اقتصادي تعاون کي وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو هنن ٻنهي ملڪن وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ لاءِ اعليٰ سطح تي مسلسل رابطن جي اهميت تي زور ڀريو هنن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس جي موقعي تي نيويارڪ ۾ ملاقات ڪرڻ تي به اتفاق ڪيو

بقايا | 22 | "روزاني عبرت"

جي سهولت فراهم نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي جڏهن ته هدايتن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ آفيسرن خلاف ڪارروائي جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي چيف سيڪريٽري خيبرپختونخواهه سرڪاري وسيلن ۽ فنڊن جي استعمال کان روڪي ڇڏيو آهي هوڏانهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ به سياسي جماعتن ۽ صوبائي حڪومتن کي شاهراهن جي بندش کان روڪي چڪي آهي

بقايا | 23 | "روزاني عبرت"

مارشل ڊيشان سعيد ڪري رهيو هو جنهن ۾ صوبي ۾ ايوشن جي ترقياتي منصوبن جي هڪ جامع پيڪيج جو جائزو ورتو ويو. ملاقات ۾ سکر ۾ تجويز ڪيل گرين فيلڊ ايئرپورٽ، جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي جي بهتري ۽ توسيع، حيدرآباد ايئرپورٽ جي اپ گريڊيشن ۽ سول ايوشن ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (CATI) حيدرآباد کي پاڪستان جي بهترين مخصوص ايوشن يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرڻ شامل آهي. ملاقات ۾ سنڌ جي ايوشن بنيادي ڍانچي کي مضبوط ڪرڻ، مسافرن جي سهولتن ۽ رابطن کي بهتر بڻائڻ، ايئرپورٽ جي گنجائش وڌائڻ، آپريشنل حفاظت کي وڌائڻ ۽ ايوشن سان لاڳاپيل تعليم ۽ مهارتن کي وڌائڻ تي ڌيان ڏنو ويو. پي اي اي جي وفد وڏي وزير کي منصوبن جي صورتحال بابت بريفنگ ڏني ۽ زمين جي حاصلات، زميني رڪارڊ، روڊن جي رابطي ۽ ٻين معاملن تي صوبائي حڪومت جو سهڪار گهريو جيڪي صوبائي دائري ۾ اچن ٿا. ملاقات ۾ وڏي وزير جي پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه ۽ ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي شرڪت ڪئي. پي اي اي جي وفد ۾ ڊپٽي ڊي جي (ورڪس اينڊ ڊيوليپمينٽ) انجنيئر سمير سعيد، ڊائريڪٽر انجنيئرنگ سروسز انجنيئر ڪاشف شاهه، ڊائريڪٽر ڪمرشل عبدالواسط، سينيئر ايڊيشنل ڊائريڪٽر اي اينڊ ايم انجنيئر ظفر الله مهيسر، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر گرين فيلڊ ايئرپورٽ سکر انجنيئر حافظ زاهد، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ اميرومينٽ پراجيڪٽ انجنيئر عرفان خان ۽ سينيئر ڊپٽي ڊائريڪٽر اسٽيٽ احتشام شامل هئا. گرين فيلڊ ايئرپورٽ سکر: وڏي وزير کي سکر ريجن ۾ نئين گرين فيلڊ ايئرپورٽ جي فيزيبلٽي اسٽڊي بابت بريفنگ ڏني وئي. تجويز ڪيل ايئرپورٽ کي هڪ علائقائي گيٽ وي طور تصور ڪيو ويو آهي جيڪو اپر سنڌ ۽ پرپاسي جي علائقن جي خدمت ڪندو جنهن جي سالياني گنجائش 1.6 ملين مسافرن تائين هوندي ۽ وڏي جهازن جي آپريشن جي اجازت هوندي. ايئرپورٽ کي ڪراچي کان رخ تبديل ڪندڙ جهازن لاءِ متبادل طور استعمال ڪرڻ جي به تجويز آهي. فيزيبلٽي اسيسمينٽ مان معلوم ٿيو آهي ته موجوده سکر ايئرپورٽ کي فضائي حدود، زمين ۽ مستقبل جي توسيع سان لاڳاپيل رڪاوٽن جو سامهون آهي. تجويز ڪيل گرين فيلڊ سهولت تجارتي ايوشن ۽ علائقائي رابطي لاءِ وڌيڪ گنجائش فراهم ڪندي. مطالعي مان اشارو مليو ته وسيع سکر ريجن ۾ هڪ وڏي ڪيچمينٽ آبادي آهي جنهن ۾ ٽن ڪلاڪن جي ڪيچمينٽ ۾ 29.6 ملين کان وڌيڪ ماڻهو آهن. جنهن سان علائقي ۾ بهتر فضائي رابطي جي ڪيس کي مضبوطي ملي ٿي. پي اي اي چيو ته نئين ايئرپورٽ جي تعمير لاءِ لڳ ڀڳ 3,000 ايڪڙ زمين گهربل هوندي ۽ زمين جي حاصلات جي عمل ۾ سنڌ حڪومت کان سهڪار گهريو ويو. ان پڻ تجويز ڪئي ته علائقائي ترقياتي اسڪيمن کي ايئرپورٽ پراجيڪٽ سان هم آهنگ ڪيو وڃي ۽ سنڌ حڪومت کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) موڊ ذريعي شرڪت تي غور ڪرڻ جي دعوت ڏني جنهن ۾ زميني برابري ۽ ٻيون گڏيل طور تي طئي ٿيل ترتيبون شامل آهن. وڏي وزير لاڳاپيل صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي ته زمين ۽ رابطي جي معاملن تي پي اي اي سان هم آهنگي کي آسان بڻايو وڃي ۽ تجويز ڪيل پارٽنرشپ جي انتظامن جو جائزو ورتو وڃي ته جيئن منصوبو گڏيل طريقي سان اڳتي وڌي سگهي. جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي: ملاقات ۾ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي جاري بهتري ۽ جديديت جو به جائزو ورتو ويو. پي اي اي وڏي وزير کي مسافرن جي سهولتن ۾ بهتري بابت بريفنگ ڏني، جنهن ۾ فلورنگ، سيلنگ، وال ڪليڊنگ، لائٽنگ، سائنيج، ڪائونٽرز، بلڊنگ جوائنٽس ۽ ڪار پارڪنگ شامل آهن. جنهن ۾ سنڌ سيپيا جي ثقافتي ورثي ۽ تاريخ کي ظاهر ڪندڙ عنصر پڻ شامل آهن. پي سي ون (PC-I) ۽ تفصيلي ڊيزائن تياري هيٺ آهن. جنهن لاءِ تجويز ڪيل منصوبي جو مدو ٻه سال آهي. بريفنگ ۾ وڌيڪ جي آءِ ايم پي (JIAP) تي فليگ شپ رن وي پراجيڪٽ کي به شامل ڪيو ويو جنهن تحت رن وي کي ٻيهر تعمير ڪيو ويو ۽ 3,200 ميٽرن مان وڌائي 3,500 ميٽر ڪيو ويو جنهن کي اپ گريڊ ڪيو ويو پريزنٽيشن ۾ ٻڌايو ويو ته ڪم معاهدي جي مدت ۾ مڪمل ڪيو ويو ۽ آپريشنل ڪيو ويو ان سان گڏ ٽيڪسي وين ايئر فيلڊ لائٽنگ ۽ نيويگيشنل امداد ۾ پڻ بهتري آندي وئي. پي اي اي پڻ وڏي وزير کي جي آءِ ايم پي تي هڪ نئين 285 فٽ اي ٽي سي (ATC) ٽاور ۽ هڪ جديد 10 بي فائر اسٽيشن جي تجويز ڪيل اڏاوت بابت بريفنگ ڏني نئين سهولتن جو مقصد ڏسڻ جي صلاحيت، نگراني، هنگامي جواب ۽ مستقبل جي حوالي سان تيار ائرسائيڊ آپريشنز کي بهتر بڻائڻ آهي. ايئرپورٽ ٽرمينل جي تجويز ڪيل توسيع تي به خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي. هڪ توسيع واري آپشن تحت، موجوده مسافر ٽرمينل بلڊنگ جيڪا لڳ ڀڳ 115,000 اسڪوائر ميٽر آهي. تنهن کي وڌائي لڳ ڀڳ 400,000 اسڪوائر ميٽر ڪيو ويندو، جڏهن ته بورڊنگ برجز 12 مان وڌائي 25 ڪيا ويندا. ٻيو آپشن 50 بورڊنگ برجز سان گڏ هڪ وڏي ترقي جو تصور ڏئي ٿو ۽ سالياني 75 ملين مسافرن تائين جي گنجائش فراهم ڪري ٿو. وڏي وزير لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته روڊن جي رابطي، زمين سان لاڳاپيل مسئلن ۽ ٻين صوبائي معاملن تي پي اي اي سان ويجهي هم آهنگي قائم رکي وڃي جيڪي ايئرپورٽ جي توسيع ۽ جديديت لاءِ گهربل آهن. حيدرآباد ايئرپورٽ اپ گريڊيشن: پي اي اي حيدرآباد ايئرپورٽ جي اپ گريڊيشن جا منصوبا پڻ پيش ڪيا جنهن کي هڪ امڪاني علائقائي ايوشن حب ۽ ڪراچي لاءِ متبادل ايئرپورٽ طور بيان ڪيو ويو. تجويز ڪيل ترقي موجوده 7,000 فٽ رن وي کي 11,500 فٽ تائين اپ گريڊ ڪرڻ جو تصور ڏئي ٿي ان سان گڏ جديد ايوشن بنيادي ڍانچي ۽ حفاظتي بهتري پڻ شامل آهي. هن منصوبي جو مقصد علائقائي رابطي کي مضبوط ڪرڻ، معاشي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ ۽ حيدرآباد ۽ پرپاسي جي علائقن مان زرعي ۽ ٻين شين جي نقل ۽ حمل کي آسان بڻائڻ آهي. هي جي آءِ ايم پي تي آپريشنل رڪاوٽن جي ڪري متاثر ٿيندڙ پروازن لاءِ هڪ اضافي متبادل آپشن پڻ فراهم ڪندو. پي اي اي حيدرآباد ايئرپورٽ جي لڳ ڀڳ 1,473 ايڪڙ زمين تي زمين جي ميوٽيشن ۽ غيرقانوني قبضن جي اثر هيٺ مسئلن کي نمايان ڪيو ۽ معاملي کي حل ڪرڻ ۽ حڪمت عملي واري منصوبي تي عملدرآمد کي آسان بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو سهڪار گهريو. وڏي وزير لاڳاپيل صوبائي اختيارين کي هدايت ڪئي ته زمين جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي ڏٺو وڃي ۽ حيدرآباد ايئرپورٽ جي ترقي کي آسان بڻائڻ لاءِ پي اي اي سان رابطو ڪيو وڃي ڪيٽي (CATI) ايوشن يونيورسٽي بڻجندي: ملاقات ۾ سول ايوشن ٽريننگ انسٽيٽيوٽ (CATI) حيدرآباد کي پاڪستان جي بهترين مخصوص ايوشن يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرڻ تي به خيال جي ڏي وٺ ڪئي وئي. 1982ع ۾ 100 ايڪڙن کان وڌيڪ زمين تي قائم ٿيل ڪيٽي آءِ سي اي او (ICAO) جي علائقائي تربيتي مرڪز طور ڪم ڪيو آهي ۽ 2,500 ڪورسز ذريعي 25,000 کان وڌيڪ تربيت وٺندڙن کي تربيت ڏني آهي جن ۾ 49 ملڪن جا شرڪت ڪندڙ پڻ شامل آهن ان جا چار اسڪول ايئر نيويگيشن سروسز ايئرپورٽ سروسز ريگيوليٽري سروسز ۽ ايوشن مئنيجمينٽ تي ٻڌل آهن پي اي اي وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ته هن وقت پاڪستان ۾ ڪا به ايڇ اي سي (HEC) مان منظور ٿيل يونيورسٽي ناهي جيڪا خاص طور تي ايوشن ۽ ان سان لاڳاپيل شعبن لاءِ مخصوص هجي ۽ چيو ته تجويز ڪيل يونيورسٽي تربيت يافته ايوشن پيشه ور ماڻهن جي وڌندڙ گهرج کي پورو ڪرڻ ۾ مدد ڪندي پي اي اي انسٽيٽيوٽ تائين پهچ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوٽڙي کي حيدرآباد شهر سان ڳنڍيندڙ روڊ جي تعمير لاءِ سنڌ حڪومت جو سهڪار گهريو ان لاڳاپيل زميني مسئلن جي حل سان مشروط طور تي تجويز ڪيل ايوشن يونيورسٽي لاءِ سائيٽ تي موجود گري اسٽريڪچرز کي استعمال ڪرڻ جي به تجويز ڏني. وڏي وزير هن قدم کي پليڪار ڪيو ۽ لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته تجويز ڪيل روڊن جي رابطي ۽ ٻين صوبائي ضرورتن جو جائزو ورتو وڃي ته جيئن ايوشن ايجوڪيشن جي سهولت کي هٿي ملي سگهي سنڌ حڪومت ايوشن جي ترقي کي آسان بڻائيندي: وڏي وزير سنڌ ۾ ايوشن بنيادي ڍانچي جي منصوبن تي وقت سر عملدرآمد لاءِ صوبائي حڪومت ۽ پي اي اي جي وچ ۾ هم آهنگ منصوبابندي جي اهميت تي زور ڏنو هن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي پنهنجي اختيارين جي اندر ضروري سهولتون فراهم ڪن خاص طور تي زمين، روڊن جي رابطي، ترقياتي منصوبابندي ۽ ضلعي انتظاميا سان هم آهنگي جي حوالي سان. وڏي وزير چيو ته بهتر ايوشن بنيادي ڍانچي سان سنڌ جي وڏن شهرن ۽ معاشي مرڪزن جي وچ ۾ رابطا مضبوط ٿيندا، واپار ۽ سيڙپڪاري کي هٿي ملندي، سياحت کي هٿي ملندي ۽ مسافرن جي سهولتن ۾ بهتري ايندي هن پي اي اي جي وفد کي يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت حڪمت عملي جي لحاظ کان اهم منصوبن لاءِ ضروري سهڪار فراهم ڪندي ۽ لاڳاپيل کاتا پي اي اي سان صوبائي سطح جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ عملدرآمد کي آسان بڻائڻ لاءِ رابطي ۾ رهندا. وڏي وزير اختيارين کي اهي به هدايت ڪئي ته ايئرپورٽ جي ترقي کي علائقائي روڊ نيٽ ورڪ ۽ وسيع تر ترقياتي منصوبابندي سان مناسب طور تي مربوط ڪيو وڃي ته جيئن وڏي ايوشن سيڙپڪاري جي فائدن کي وڌ کان وڌ بڻائي سگهجي ملاقات ادارتي هم آهنگي برقرار رکڻ ۽ سنڌ حڪومت جي سهڪار جي گهرج وارن معاملن تي ڪم کي تيز ڪرڻ جي معاهدي سان پڄاڻي تي پهتي

پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهه
بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 37 سال 2026.
سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر I.CSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

ڪاشف قريشي ولد عبدالحميد ، ڪاروبار، ٽريڊ آري چوڙي ورڪس واقع نزد امام علي شاهه ،درگاهه الله دادچند ڳوٺ، حيدرآباد ، A/C اڻ رجسٽر ٿيل ايف آءِ آر نمبر: 74/2023. (جوابدار) ڪاشف قريشي ولد عبدالحميد تازو پتو : (ساڳيو) ....مدعا عليه

ڏانهن،
مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 344،200 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو،جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو
منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ 08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم........
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.
BY ORDER
PID K.914/26

پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهه
بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 41 سال 2026.
سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر I.CSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

غلام مصطفيٰ ولد مختيار احمد ، ڪاروبار، نڪل اينڊ پالش ورڪس واقع هائوس نمبر: G-941 ،نزد بلال مسجد ، عثمان آباد ، بابا قاسم شاهه روڊ، حيدرآباد، A/C No:6230914336، ايف آءِ آر نمبر: 109/2019، (جوابدار) غلام مصطفيٰ ولد مختيار احمد ....مدعا عليه

ڏانهن،
مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن تہ مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 435،800 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو،جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو
منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ 08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم........
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.
BY ORDER
PID K.913/26

سنڌي ايڊيشن

انچارج: مجيب ناريجو

IBRAT SANSAR

عبرت سنسار

68 Golden Jubilee Year

Ibratsansar@yahoo.com

آچر 20 سيپٽمبر 2026ع

بدحاليءَ ۾ شاهاڻي طرزِ زندگي: لگزري جهاز ۾ ڦاٿل پنجاب حڪومت

فيضان احمد

پاڪستان جو عام ماڻهو مهانگائي، گهٽ آمدني ۽ وڌندڙ خرچن جي چڪيءَ ۾ پيڙهجي رهيو آهي، جڏهن ته ملڪ تي قرض جو بار وڌندو پيو وڃي. مارچ 2026ع تائين ڪل سرڪاري قرض 83.285 ٽريلين، يعني 83,285 ارب رپيا ٿي چڪو هو. آگسٽ ۾ مهانگائي 11.1 سيڪڙو رهي، جڏهن ته ٻهراڙيءَ ۾ اها 12.2 سيڪڙو هئي. اهڙي حالت ۾ حڪمرانن جي استعمال هيٺ هر مهانگي سهولت عوام جي نظر ضرور چُڀي ٿي. سوال اهو ناهي ته حڪمران سفر ڇو ڪن ٿا، سوال اهو آهي ته جنهن عوام کان قربانيون گهريون وڃن ٿيون، عوام جي پئسي جا هي سرڪاري وسيلا آخر ڪهڙي معيار تي استعمال ٿين ٿا؟

پنجاب جو گلف اسٽريم G500 جهاز به هاڻي انهيءَ سوال جي وچ ۾ اچي ڦاٿو آهي. جهاز 2019ع جو آهي ۽ ان جي قيمت بابت مختلف انگ سامهون آيا آهن. جيڪي لڳ ڀڳ 38 کان 42 ملين ڊالر، يعني 10.5 کان 11.7 ارب رپين تائين ٻڌايا ويا آهن. حڪومت جو موقف رهيو آهي ته اهو پراڻي سرڪاري جهاز جي جاءِ تي خريد ڪيو ويو ۽ "ايئر پنجاب" منصوبي سان به ان جو تعلق آهي. پر اربين رپين جوهي سرڪاري اثاثو ان وقت بحث جو مرڪز بڻيو جڏهن وڏي وزير مريم نواز پنهنجي ڌيءَ جي لنڊن ۾ گريجوئيشن تقريب ۾ شرڪت لاءِ ساڳيو جهاز استعمال ڪيو. حڪومت جو چوڻ هو ته سفر جو خرچ وڏي وزير پاڻ برداشت ڪندي ۽ مريم نواز به چيو ته جهاز سندس ذاتي ملڪيت ناهي، پنجاب حڪومت جو اثاثو آهي، جڏهن ته سفر جو خرچ هن پنهنجي ذاتي رقم مان ادا ڪيو.

هتي سوال سڌو آهي: جيڪڏهن جهاز سرڪاري آهي ته ذاتي خانداني سفر لاءِ ان جي استعمال جي اجازت ڪهڙي قاعدي تحت ملي؟

پنجاب اسيمبليءَ ۾ به اهو سوال اٿيو. مخالف ڌر جي ميمبر وقاص محمود خان پڇيو ته سرڪاري جهاز جي لنڊن سفر لاءِ قانوني ۽ انتظامي اختيار ڪهڙو هو، خرچ ڪهڙي مد مان ٿيو ۽ مالي منظوري ورتي وئي يا نه؟ مريم نواز جو موقف آهي ته سفر جو خرچ هن پاڻ ادا ڪيو. 17 سيپٽمبر تي 27,194,004 رپيا پنجاب حڪومت جي خزاني ۾ جمع ٿيڻ جي رپورٽ سامهون آئي. ادائيگي بئنڪ آف پنجاب جي چيڪ وسيلي ٿي ۽ رپورٽن موجب رقم اين بي پي والينشيا برانچ، لاهور ۾ جمع ڪرائي وئي، پر رقم واپس ٿيڻ سان سوال جو هڪ حصو ئي ختم ٿئي ٿو. خرچ جي ادائيگي ۽ سرڪاري جهاز جي ذاتي استعمال جي اجازت ٻه الڳ معاملا آهن. ان کان پوءِ بل جي رقم ۾ تبديلي به سامهون آئي. رپورٽن موجب ابتدائي بل 29,365,976 رپيا (ٻه ڪروڙ ترانوي لک پنجهٺ هزار نوسئو ڇاهٺ رپيا) هو جيڪو پهرين 28,037,844 رپين (ٻه ڪروڙ اسي لک سٺتيهه هزار اٺ سئو چاليهه رپيا) ۽ پوءِ 27,194,004 رپين (ٻه ڪروڙ ايڪهتر لک چورانوي هزار چار رپيا) تائين گهٽ ٿيو.

هتي مريم نواز جا اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرايل اثاثن جا گوشوارا به بحث کان ٻاهر نٿا رکي سگهجن. جڏهن دعويٰ اها هجي ته سفر جو خرچ ذاتي رقم مان ادا ڪيو ويو ته سوال رڳو رقم جمع ٿيڻ جو نه، پر اهو به آهي ته اها رقم ذاتي آمدني ۽ اثاثن جي حساب سان ڪٿان آئي؟

هاڻي حڪومت کي ٻڌائڻو پوندو ته بل ۾ پيسا ڇو گهٽ ٿيو ڪهڙا خرچ ڪيا ويا ۽ آخري رقم ڪهڙي حساب سان مقرر ٿي؟ جيٽ اسٽريم انٽرنيشنل ۽ پاڪستان اسٽيٽ آئل جا بل جيڪڏهن ان حساب جو بنياد آهن ته اهي به معاملو صاف ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. اصل ڳالهه اها آهي ته عوام کي ڪنهن جي ذاتي دولت جو حساب نه گهرجي، پر عوام جي نالي تي رکيل اثاثن جو حساب ضرور گهرجي. ڪنهن جي زيورن يا ذاتي ملڪيت بابت سوشل ميڊيا تي هلندڙ دعوائون هن بحث جو ثبوت نٿيون بڻجي سگهن. هتي سوال جهاز جو آهي، ان جي استعمال جو آهي. ان جي اجازت جو آهي ۽ ان جي حساب ڪتاب جو آهي.

جيڪڏهن سرڪاري جهاز ذاتي سفر لاءِ استعمال ڪرڻ جو قانوني رستو موجود آهي ته اهو قاعدو سامهون آندو وڃي. جيڪڏهن اجازت ورتي وئي ته منظوريءَ جو رڪارڊ ڏيکاريو وڃي. خرچ واپس ٿيو آهي ته ان جو مڪمل حساب ٻڌايو وڃي. عوام کي وضاحت نه، دستاويز گهرجن. ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي معاشي حالت ۾ هي معاملو رڳو هڪ وي آءِ پي سفر جي حد تائين ناهي رهيو. جڏهن عام ماڻهو قرض، مهانگائي ۽ وڌندڙ غربت جو بار کڻي رهيو آهي، تڏهن حڪمرانن جي شاهاڻي طرز جي سهولتن بابت اٿندڙ سوال وڌيڪ تکا ٿين ٿا. سرڪاري جهاز ڪنهن جي ذاتي ملڪيت ناهي. اهو عوامي اثاثو آهي. ان ڪري سرڪاري جهاز جو استعمال ڪنهن جي ذاتي پسند سان نه، پر مقرر قاعدن، اجازت ۽ ان بابت پڇايل سوالن جا جواب ڏيڻ سان طئه ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن سڀ ڪجهه قاعدي موجب ٿيو آهي ته حڪومت وٽ جواب ڏيڻ لاءِ رڳو چند دستاويز موجود هجڻ گهرجن. جيڪڏهن دستاويز موجود آهن ته معاملو صاف ٿي سگهي ٿو، ۽ جيڪڏهن سوالن جو جواب ڏيڻ بدران رڳو سياسي بيان ڏنا ويندا ته پوءِ سوال وڌيڪ وڏو ٿيندو ويندو. ملڪ بدحاليءَ ۾ هجي ۽ حڪمران سرڪاري خرچ تي شاهاڻي طرز جون سهولتون حاصل ڪندي نظر اچن، ته عوام سوال ضرور ڪندو. جن جو جواب حساب ڪتاب سان ڏيڻو پوندو.

حوثين جي اڳڀرائي: جنگ جا نوان ميدان ۽ نوان خطرا

فريد احمد

يمن ۾ حوثين جي اوچتي ۽ تيز اڳڀرائيءَ جنگ جي رخ کي ئي بدلائي ڇڏيو آهي. سعودي عرب جي سهڪار سان بيٺل يمن جي فوجن کي پوئتي ڌڪيندي حوثين ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري وارن اهم علائقن تي قبضو ڪيو، موڪا ۽ ذباب تائين پهتا ۽ باب المندب جي منهن وٽ پريم پيٽ تي به پنهنجي گرفت مضبوط ڪئي. هي اڳڀرائي رڳو يمن اندر علائقن جي قبضي تائين محدود ناهي رهي، پر ان جا اثر هاڻي ڳاڙهي سمنڊ کان هرمز تائين پهتل نظر اچن ٿا، جتي دنيا جي توانائي ۽ واپار جا به اهم سامونڊي لنگهه هڪ ئي علائقائي بحران سان ڳنڍجي ويا آهن. 2022ع جي جنگبندي کان پوءِ حوثين جي اهڙي رفتار سان ٿيندڙ اڳڀرائي سندن وڌندڙ فوجي سگهه جو اظهار آهي، جنهن سعودي عرب آڏو جنگ جي پراڻي حساب کان بلڪل مختلف صورتحال بيهاري ڇڏي آهي.

هن اڳڀرائيءَ جي اهميت ان ڪري وڌي وئي آهي، ڇاڪاڻ ته باب المندب هاڻي اڪيلو يمن جي جاگرافيءَ جو مسئلو ناهي. هرمز ۾ ايران سان ڇڪتاڻ سبب تيل جي روانگيءَ جا رستا اڳ ئي جهڙوڪ بند لڳا پيا آهن ۽ سعودي عرب متبادل رستا استعمال ڪري رهيو آهي. اهڙي وقت باب المندب تي به حوثين جو دٻاءُ وڌڻ سان سعودي عرب جي واپار وارو هڪ ٻيو اهم رستو خطري هيٺ اچي ويو آهي. يعني هرمز جي بحران کان بچڻ لاءِ جيڪو رستو سعوديءَ لاءِ متبادل بڻجي رهيو هو ان ئي رستي جي دروازي وٽ حوثين اچي بيٺا آهن.

اهو ئي سبب آهي جو رياض هاڻي رڳو جنگي ميدان ۾ جواب ڳولڻ بدران هر ان ملڪ ڏانهن واجهائي رهيو آهي، جنهن ۾ هن جو ٿورو به آسرو باقي آهي. سعودي عرب طرفان چين کان مدد طلب ڪرڻ جون رپورٽون سامهون آيون آهن. جنهن کان پوءِ بيجنگ تهران تي حوثين کي روڪڻ لاءِ پنهنجو اثر استعمال ڪرڻ لاءِ زور ڀريو آهي. چين جو پنهنجو مفاد به صاف آهي، هرمز مان تيل جي روانگي بحال ٿئي ۽ ڳاڙهي سمنڊ مان محفوظ واپار جي بحالي ٿئي، ڇاڪاڻ ته چين جي توانائيءَ ۽ واپار جا وڏا مفاد انهن ئي رستن سان ڳنڍيل آهن.

سعودي عرب ۽ اسرائيل وچ ۾ حوثين بابت انٽيليجنس سهڪار لاءِ رابطن جون رپورٽون به سامهون آيون آهن. رپورٽن موجب آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي وچولي ڪردار سان سعودي ۽ اسرائيلي ڌرين وچ ۾ حوثين جي ٺڪاڻن سميت خطي ۾ فوجي ڪارروائين بابت ڳالهيون ٿيون آهن. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته رياض لاءِ مسئلو هاڻي رڳو يمن جي سرحد تائين محدود نه رهيو آهي. حوثين جي ميزائل ۽ ڊرون صلاحيت سعوديءَ جي توانائيءَ جي ٺڪاڻن ۽ سامونڊي روانگيءَ واپار لاءِ به سڌيءَ ريت خطرو پيدا ٿي ويو آهي.

پر هتي سڀ کان وڏو تضاد آمريڪا جي رويي ۾ نظر اچي ٿو. سعودي ولي عهد محمد بن سلمان صدر ڊونلڊ ٽرمپ کان حوثين خلاف سڌي فوجي مدد گهري، پر واشنگٽن حوثين تي سڌي فوجي ڪارروائي ڪرڻ کان پاسو ڪيو. آمريڪا ان جي بدران انٽيليجنس ۽ حدفن بابت معلومات جي سهڪار تائين محدود رهڻ جو اشارو ڏنو. ان کان پوءِ آمريڪي اختيارين جا حوثين سان عمان ۾ ڳجهي نموني سڌا رابطا به سامهون آيا. سعودي عرب لاءِ اها صورتحال ان ڪري وڌيڪ ڏکي آهي، ڇاڪاڻ ته سندس ساٿي هن نئين جنگ ۾ لهڻ بدران سرچاءَ جي راهه ڳولي رهيا آهن. چين ڳالهين ۽ ڇڪتاڻ گهٽائڻ تي زور ڏئي رهيو آهي، عمان ۽ مصر سفارتي ڪوششن ۾ اڳتي آهن ۽ پاڪستان به يمن واري معاملي کي طاقت بدران ڳالهين ۽ سفارتڪاريءَ سان حل ڪرڻ جي ڳالهه ڪري چڪو آهي. يعني رياض کي جنهن وقت ميدان ۾ فوجي سهڪار گهرجي، ان وقت علائقائي ماحول نئين جنگ وڌائڻ بدران ان کي روڪڻ طرف وڃي رهيو آهي.

ٻئي طرف هرمز جو بحران به آمريڪا لاءِ آسان ٿيندو نظر نٿو اچي. صدر ٽرمپ پاڻ اعتراف ڪري چڪو آهي ته ڪيترائي واپاري جهاز ۽ تيل جا ٽينڪر ايران کان لڪ ڇپ ۾ هرمز مان رات جي وقت ۾ گذاريا ويا آهن. هن بعد ۾ جنگ بابت اهو به اشارو ڏنو ته موجوده مهم گهڻي ڊگهي نه هلندي، جڏهن ته تازو ئي هن چيو ته جنگ ختم ٿيڻ جي ويجهو پهچڻ جي اميد رکي ٿو جيتوڻيڪ ساڳئي وقت ايران خلاف وڌيڪ وڏين ڪارروائين جو امڪان به رد نه ڪيو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ ايران به ڳالهين جو دروازو مڪمل طور بند ڪرڻ بدران اسلام آباد معاهدي ڏانهن واپسيءَ لاءِ سفارتي ڪوششن کي جاري رکڻ جو اشارو ڏئي رهيو آهي. ايراني گهرو وزارت جي ترجمان علي زيني وند موجب، عالمي سفارتي تياڪڙيءَ وسيلي مسئلا حل ڪرڻ ۽ اسلام آباد معاهدي ڏانهن موٽڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن. پر تهران جو مطالبو آهي ته ٻي ڌر معاهدي ۾ ڪيل واعدن تي قائم رهي. يعني ايران هڪ طرف هرمز تي پنهنجي دٻاءَ کي برقرار رکي رهيو آهي ته ٻئي طرف ڳالهين لاءِ دروازو به کليل رکڻ چاهي ٿو.

هتي اچي يمن جي حوثين واري اڳڀرائيءَ جو اصل مطلب وڌيڪ چٽو ٿئي ٿو. هرمز ايران جي هٿ ۾ دٻاءَ جو هڪ وڏو ذريعو بڻيل آهي ۽ باب المندب تي حوثين جي گرفت وڌي آهي ته وچ ۾ سعودي عرب لاءِ سامونڊي روانگيءَ جا ٻئي اهم رخ هڪ ئي علائقائي بحران سان ڳنڍجي وڃن ٿا. حوثين جي تازين ڪاميابين سان ايران کي سڌو حڪم هلائڻ جو ثبوت ثابت نٿو ٿئي، ڇاڪاڻ ته حوثين جا پنهنجا سياسي ۽ فوجي مقصد به آهن، پر اها حقيقت به نظرانداز نٿي ڪري سگهجي ته حوثين جي اڳڀرائيءَ سان تهران ۽ ان جي ساٿين کي خطي جي ٻن اهم سامونڊي لنگهن تي دٻاءَ وجهڻ جي نئين گنجائش ملي آهي.

۽ سعودي عرب جي اصل پريشاني به هتي ئي آهي. جنهن جنگ کي رياض سالن تائين فوجي طاقت سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، ان جنگ ۾ حوثي هاڻي ان جاءِ تي پهچي ويا آهن، جتان صرف يمن جي اندروني سياست نه، پر سعوديءَ جي تيل جي روانگي، ڳاڙهي سمنڊ جي واپار ۽ علائقائي طاقت جو حساب به متاثر ٿي سگهي ٿو. آمريڪا سڌي جنگ کان پوئتي آهي، چين حوثين کي روڪڻ لاءِ ايران سان ڳالهائي رهيو آهي، علائقائي ملڪ سرچاءَ تي زور ڏئي رهيا آهن ۽ ايران اسلام آباد معاهدي ڏانهن واپسيءَ لاءِ سفارتڪاري جاري رکڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. اهڙي وقت يمن جي نقشي تي حوثين جي اڳڀرائي هڪ مقامي فتح کان اڳتي وڌي، هرمز کان باب المندب تائين پکڙيل نئين جاگرافيائي سياست جو حصو بڻجي وئي آهي.





سکر ۾ مبينه هڪ ڪروڙ 20 لک رپيا ڦٻائڻ خلاف پاڪ ڪتاب هٿن ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو

مهر برادري جي ماڻهن مبينه طور جعلي پلاٽن جون فائلون ڏئي هڪ ڪروڙ 20 لک رپيا ڦٻائڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

2016ع ۾ داتار خان چانڊيو، رحيم جوڻيجو، محرم چانڊيو ۽ سيد ذوالفقار علي شاهه ڪين پلاٽ ڏيڻ جو آسرو ڏئي پلاٽن جون فائلون اسانجي حوالي ڪيون: محمد بخش مهر

رقم ادا ڪرڻ کانپوءِ جڏهن اسان ان هنڌ پهتاسين ته جتي پلاٽن جي نشاندهي ڪرائي وئي هئي، اتي ڪو به پلاٽ موجود نه هو

سکر ملٽري روڊ واسي جعلي پلاٽ جي فائل فراهم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

سکر (بيورو رپورٽ) بشير آباد ملٽري روڊ جي رهواسي مهر برادري جي ماڻهن مبينه طور جعلي پلاٽن جون فائلون ڏئي هڪ ڪروڙ 20 لک رپيا ڦٻائڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو قرآن پاڪ هٿن ۾ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ نعريبازي ڪندي اعليٰ اختيارين کان انصاف، رقم جي واپسي ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو. احتجاج ۾ حاجي محمد بخش مهر، حمير احمد، محمد طارق، امين علي، علي گل ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي حاجي محمد بخش مهر صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته 2016ع ۾ داتار خان چانڊيو، رحيم جوڻيجو، محرم چانڊيو ۽ سيد ذوالفقار علي شاهه ڪين پلاٽ ڏيڻ جو آسرو ڏئي مبينا طور دوکو ڏنو ۽ پلاٽن جون فائلون سندن حوالي ڪيون. هن ٻڌايو ته پلاٽن جي فائلن جي عيوض ڪانئن مجموعي طور هڪ ڪروڙ 20 لک رپيا ورتا ويا، جن مان ڪجهه رقم داتار خان چانڊيو کي چيڪ ذريعي ۽ ڪجهه رقم روڪ ڏني وئي. رقم ادا ڪرڻ کانپوءِ جڏهن هو ان هنڌ پهتا، جتي ڪين پلاٽن جي نشاندهي ڪرائي وئي هئي، اتي مبينا طور ڪو به پلاٽ موجود نه هو جنهن بعد ڪين پاڻ سان ٺڳي مبينا فراڊ جو علم ٿيو. حاجي محمد بخش مهر جو چوڻ هو ته هنن ڪيترائي ڀيرا لاڳاپيل ماڻهن کان رقم واپس ڪرڻ جو مطالبو ڪيو پر لڳ ڀڳ ڏهه سال گذرڻ باوجود رقم واپس نه ڪئي وئي. هن چيو ته رقم جي واپسي ۽ انصاف لاءِ هو ڪيترائي ڀيرا احتجاج پڻ ڪري چڪا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اڳوڻي احتجاج دوران سيد ڪميل حيدر شاهه پاران رقم واپس ڪرائڻ جي خاطري ڪرائڻ تي احتجاج ختم ڪيو ويو پر ان باوجود اڃا تائين رقم واپس نه ٿي سگهي آهي. مظاهرين چيف جسٽس آف پاڪستان، سنڌ جي وڏي وزير، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي مبينا فراڊ جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، سندن هڪ ڪروڙ 20 لک رپيا واپس ڪرايا وڃن ۽ ذميوار ماڻهن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي تحفظ جو پڻ مطالبو ڪيو.

جماعت اسلامي احتجاجي تحريڪ کي وسيع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي: نصرالله چنا

مهانگائي، ڊگهي لوڊشيڊنگ عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي: تشڪيل صديقي

پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهن: ممتاز علي گڏاڻي

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي جماعت اسلامي سنڌ جي نائب امير حافظ نصرالله چنا، ضلعي گهوٽڪي جي امير تشڪيل احمد صديقي، ٻين اڳواڻن ممتاز علي گڏاڻي ۽ ايڊووڪيٽ محراب خان گڏاڻي سان گڏ پريس ڪلب گهوٽڪي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته مهانگائي، بجلي جي ڳرن بلن، پيٽروليم شين جي وڌندڙ اگهن، غير منصفاڻي پيٽروليم ليوي ۽ ڊگهي لوڊشيڊنگ عوام جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي. جنهن خلاف جماعت اسلامي احتجاجي تحريڪ کي وڌيڪ منظم ۽ وسيع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هنن چيو ته بجلي جي اگهن ۾ مسلسل واڌ، ڳرا بل، مهانگائي ۽ پيٽروليم شين جي وڌندڙ قيمتن سبب عام ماڻهو سخت پريشان آهي. جڏهن ته لوڊشيڊنگ جي ڊگهي سلسلي عوامي مسئلن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي. جماعت اسلامي عوام جي بنيادي حقن لاءِ هر فورم تي آواز بلند ڪندي رهندي. اڳواڻن چيو ته جماعت اسلامي جي ملڪ گير تحريڪ ۾ پيٽروليم ليوي جي خاتمي، مهانگائي ۾ گهٽتائي، بجلي جي اگهن ۾ لاٿ، لوڊشيڊنگ جي خاتمي ۽ عوام کي رليف ڏيڻ جا مطالبا شامل آهن. هنن چيو ته پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سبب روزمره جي استعمال وارين شين، ٽرانسپورٽ ۽ ٻين خرچن ۾ پڻ اضافو ٿئي ٿو. تنهن ڪري عوام کي رڳو واعدن بدران عملي رليف فراهم ڪيو وڃي. جماعت اسلامي جي اڳواڻن اعلان ڪيو ته 21 سيپٽمبر تي منجهند جو 2 وڳي شاليمار ايڪسپريس جي گهوٽڪي ريلوي اسٽيشن تي آمد جي موقعي تي امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان جو شاندار استقبال ڪيو ويندو.

گهوٽڪي: جماعت اسلامي سنڌ جو نائب امير حافظ نصرالله چنا پريس ڪانفرنس ڪندي

شاهپور جهانيان جي النور بورڊ فيڪٽري بدستور بند پيل

ڏمڪيون ڏيڻ ۽ تحفظ نه ملڻ سبب مزدورن جو روزگار داءَ تي لڳي ويو

سورو (ن ع) شاهپور جهانيان جي النور بورڊ فيڪٽري کي زبردستي بند ڪرائڻ، ڌمڪيون ڏيڻ ۽ تحفظ نه ملڻ ڪري بدستور بند پيل سوين مزدورن جو روزگار داءَ تي لڳي ويو ايشيا کنڊ جو ٻيون نمبر وڏي ۾ وڏو ڪارخانو حڪومت جي نااهلي سبب بند ٿي ويو النور بورڊ فيڪٽري شاهپور جهانيان جي انتظاميه ٻڌايو ته محنت ڪش يونين جو CBA ليڊر معطل ٿيل آهي جڏهن ته ڪيس ڪورٽ ۾ هلندڙ آهي هاڻي زبردستي فيڪٽري بند ڪري توهين عدالت ڪئي وئي آهي انتظاميه وڌيڪ چيو ته اسان قانوني طريقي سان مزدورن کي ڊيمانڊ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر جنهن وٽ CBA سرٽيفڪيٽ هجي پراڻي يونين هن وقت قانوني حيثيت رکي ٿي جنهن کي ڊيمانڊ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون انتظاميه وڌيڪ چيو ته فيڪٽري ۾ جي ايم عارف خٽڪ سميت ڪنهن کي به نقصان پهچڻ ت ذميوار محنت ڪش يونين هوندي ٻئي طرف صوبائي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار فيڪٽري بند ٿيڻ جو نوٽيس ورتو آهي

ميهڙ ۾ بلاول ڪالوني ۾ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

بلاول، همدم ۽ اعجاز ڪالوني 30 سال پراڻيون ڪالونيون آهن: مظاهرين

پيئڻ جو مٺو پاڻي فراهم ڪري اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ شهر جي بلاول ڪالوني، همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني جي رهواسين بشير احمد هالو، طارق سولنگي، مزمل جانوري، وقار سولنگي، سونو پنهور، نثار چانڊيو، وحيد ميراڻي، اعجاز ميراڻي، فياض سولنگي، محمد يوسف جتوئي، آزاد هالو، انيس ڪوسو، بشير ڪوسو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب ميهڙ آڏو 23 هين ڏينهن به ڪالوني ۾ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين سخت نعريبازي پڻ ڪئي هنن چيو ته اسان جي بلاول ڪالوني، همدم ڪالوني ۽ اعجاز ڪالوني 30 سال پراڻيون ڪالونيون آهن اسان کي صرف ووٽ مهل ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ وعدا ڪيا ويا آهي هن وقت تائين وفا نه ٿي سگهيا آهن هنن ايم پي اي فياض علي ڀٽ، ايم اين اي عرفان ظفر لغاري کان مطالبو ڪيو ته اسان جي ڪالونين ۾ گهٽيون، پڪيون نالیون ۽ پيئڻ جو مٺو پاڻي واٽر سپلاءِ فراهم ڪري اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ميهڙ: بلاول ڪالوني ۾ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گڏاپ ٽائون جي مختلف علائقن ۾ صفائي مهم ۽ فيلڊ آپريشن جاري

روڊن، گهٽين ۽ عوامي گذرگاهن تان ڪچرو ۽ رڪاوٽن کي هٽايو ويو

رڪاوٽن سان گڏ صفائي جو عمل مستقل جاري رکيو ويندو: ميونسپل ڪمشنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، وائيس چيئرمين جام محمد جوکيو ۽ ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز جي خاص هدايتن تي گڏاپ ٽائون جي مختلف علائقن ۾ صفائي ستھرائي، ڪچري جي خاتمي ۽ گهٽين توڙي روڊن کي آمدورفت لاءِ بهتر بڻائڻ جي سلسلي ۾ خصوصي صفائي مهم ۽ فيلڊ آپريشن جاري آهي ٽي ايم سي گڏاپ جي سينيٽيشن عملي ۽ لاڳاپيل فيلڊ ٽيمن مختلف علائقن ۾ صفائي جو ڪم تيز ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته روڊن، گهٽين ۽ عوامي گذرگاهن تي موجود ڪچري، ملبي ۽ ٻين رڪاوٽن کي هٽائڻ جو سلسلو جاري آهي آپريشن دوران گڏ ٿيل ڪچرو ۽ ملبو صاف ڪرڻ سان گڏ شهرين جي آمدورفت ۾ حائل رڪاوٽن جي خاتمي تي پڻ خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو ته شهرين کي صاف سٿرو ماحول ۽ بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ٽي ايم سي گڏاپ جي اهم ذميوارين ۾ شامل آهي صفائي جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ فيلڊ ۾ موجود عملي کي فعال ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڪچري ۽ ٻين رڪاوٽن جي خاتمي سان گڏ صفائي جو عمل مستقل بنيادن تي جاري رکيو ويندو ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز چيو ته ٽائون جي مختلف علائقن ۾ صفائي جي انتظامن جي مسلسل نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي کي فيلڊ ۾ موجود رهي ڪارروائي کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن علائقن ۾ صفائي جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ دستياب وسيلن کي مؤثر نموني استعمال ڪيو ويندو

ڪراچي: ڪي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز جي هدايت صفائي جو ڪم ڪيو پيو وڃي

پوليس اهلڪار جي ڦرمار جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: رياض سيال

لال بخش ۽ اختيار سيال ڪيتري عرصي کان اسان جي گهر تي قابض هئا

پوليس گهرن مان لکين رپين جون سولر پليٽون توڙي ٻيو سامان ڦر ڪري چڪي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) نوشهرو فيروز جي رٽائر فوجي رياض علي سيال ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته بااثر ماڻهن پاران ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ پوليس پاران گهرن تي چڙهائي ڪري گهر ڍاهڻ ۽ پوليس اهلڪار جي ڦرمار جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي. هن چيو ته علائقي جي بااثر ماڻهن لال بخش ۽ اختيار سيال ڪيتري عرصي کان اسان جي گهر تي قابض هئا، جنهن ماڻهن جو نمبردار طارق انور سيال ڪيو ۽ مخالف ڌر 25 لک رپين عيوض زمين جو قبضو ڇڏيو. هن چيو ته مخالفن زمين جو قبضو نه ڇڏيو پر ان ڪانپوءِ پوليس سان ملي اسان خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي گهرن تي چڙهائي ۽ پوليس اهلڪارن جي ڦرلٽ معمول بڻجي وئي آهي. ظلم جي حد اها آهي ته پوليس وڏي رشوت عيوض مقتول صداقت علي سيال جي قاتلن جي پٺڀرائي ڪري رهي آهي. هن چيو ته پوليس هن مهل تائين گهرن مان لکين رپين جون سولر پليٽون توڙي ٻيو سامان ڦر ڪري چڪي آهي. هن چيو ته هر ايندڙ ڏينهن اسان کي موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون ڏنيون

ڳوٺ ملو اسماعيل بروهي جو اسڪول اٺ مهينن کان بند پيو آهي: امان الله بروهي

فريد آباد (ن ع) فريد آباد پرسان ڳوٺ ملو اسماعيل بروهي جي رهواسي امان الله بروهي پريس ڪلب فريدآباد پهچي احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي ڳوٺ ملو اسماعيل ۾ هڪ سئو کن ٻارڙا تعليم پرائيندا هئا جن جي تعليم داءَ تي لڳل آهي اسڪول اٺ مهينن کان بند پيو آهي. جنهن ۾ ٽيچر نه هجڻ ڪري اسڪول بند ٿي ويو آهي اسان جي ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي متاثر داڻهيندي چيو ته اسان ڳوٺاڻن ٽي اي او ميهڙ ۽ ڊي اي او دادو کي اپيلون ڪيون آهن پر ڪو به آفيسر نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن اعلا آفيسرن کان مطالبو ڪيو ته اسان جي اسڪول جي معاملي جو نوٽيس وٺي اسان جي اسڪول ۾ ٽيچر مقرر ڪري اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي

اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊو مري پاران ڳوٺ واحد بخش ميرجت جو دورو

عثمان شاهه هڙي (ن ع) تعلقي جهنڊو مري جي يونين ڪائونسل ٽنڊو سومرو جو وڏي آبادي وارو ڳوٺ بهار خان ميرجت ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جهنڊو مري شهزادو عمير جروار ۽ يوسي چيئرمين واحد بخش ميرجت ڳوٺ جو دورو ڪيو ۽ يوسي چيئرمين جي هدايتن تي يوسي سيڪريٽري محرم ڪالرو جي نگراني ۾ ڳوٺ جي سمورن پاڙن گهٽين جي صفائي ستھرائي ۽ نالين جي صفائي واري ڪم جائزو ورتو ان موقعي ڳوٺ جي معززين نوجوان قيادت اهڙي عمل جي ساراهيو آهي

سنڌ ترقي پسند پارٽي اڳواڻ محمد علي شيخ جي والد جي وفات تي خالد ٻانبڻ ۽ ٻين عذرخواهي ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) سنڌ ترقي پسند پارٽي سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري محمد علي شيخ جي والد جي وفات تي سکر پريس ڪلب جي صدر "روزاني عبرت اخبار" ۽ "عبرت گروپ" جي بيورو چيف خالد ٻانبڻ شاهه دل ٻانبڻ سان گڏ ملٽري روڊ گهر تي پهچي عذرخواهي ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت جي لاءِ دعا ڪئي وئي

حيدرآباد جي واسا ملازمن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 78 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو

پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان، جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهيون: اڳواڻ

سي اي او، فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون، ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ناهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 78 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله، محمد نديم، شاهد خان، جاويد پٽني ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته ڪارپوريشن ۾ سي اي او فنانس آفيسر ۽ من پسند اسٽاف کي هر مهيني پگهارون جاري ٿين ٿيون ۽ سموريون مراعتون وٺي رهيا آهن پر ننڍن ملازمن لاءِ پگهارون ۽ رٽائر ملازمن لاءِ پينشن جي رقم ادا ڪرڻ لاءِ ناهي جيڪا مزدور دشمني آهي هنن چيو ته اداري جي هر مهيني ڪروڙين رپين جي وصولي هجڻ باوجود ننڍا ملازم پنهنجي حق کان محروم آهن هنن سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزير بلديات کي اپيل ڪئي ته مامري جو نوٽيس وٺي رهيل پگهارون ۽ پينشن جلد ادا ڪري ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

آئي بي اي ٽيسٽ ۾ 50 کان 54 نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن پاران مظاهرو

اميدوارن سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

اسانکي به ڀرتي جي ايندڙ مرحلي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن: اميدوار

سکر (بيورو رپورٽ) جونيئر سائنس ٽيچر (JST) ٽيسٽ ۾ 50 کان 54 نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن جي وڏي انگ سکر پريس ڪلب آڏو پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر کنيل هئا. ان موقعي تي اميدوارن چيو ته JST ٽيسٽ ۾ وڏي انگ ۾ اميدوارن محنت ڪري 50 کان 54 نمبر حاصل ڪيا آهن پر 55 نمبر پاسنگ معيار مقرر ٿيڻ سبب ڪين ڀرتي جي ايندڙ مرحلي لاءِ اهل قرار نه ڏنو ويو، جنهن ڪري هزارين اميدوار ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي. اميدوارن موجب تقريبن 5 هزار 200 اميدوار اهڙا آهن جن JST ٽيسٽ ۾ 50 کان 54 نمبر حاصل ڪيا آهن. جيڪڏهن پاسنگ معيار 50 نمبر مقرر ڪري انهن اميدوارن کي ڀرتي جي عمل ۾ شامل ڪيو وڃي ته ڪين پنهنجي قابليت ثابت ڪرڻ ۽ روزگار حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو. مظاهرين سنڌ حڪومت، اسڪول ايجوڪيشن کاتي، آءِ بي اي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته JST ٽيسٽ جا پاسنگ مارڪ 55 بدران 50 مقرر ڪري 50 کان 54 نمبر حاصل ڪندڙ اميدوارن کي به ڀرتي جي ايندڙ مرحلي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن.

سکر: جي ايس ٽي ٽيسٽ ۾ پلس اميدوار احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽاٽي ٻرلاخان ويجهو پرائمري اسڪول لونگائي پالاري ۾ استاد مقرر نه ٿيو

ٽاٽي ٻرلاخان (ن ع) ٽاٽي ٻرلاخان ويجهو ڳوٺ ڪاپٽ هڪ لونگائي پالاري ۾ گورنمينٽ پرائمري اسڪول جي سرڪار پاران اسڪول جي بلڊنگ ته نئي تيار ٿي وئي آهي پراڻي استاد فقير محمد پالاري جي رٽائرمينٽ بعد ڪي ڪي مهينا گذري ويا آهن پر تعليم کاتي پاران اڃا تائين اسڪول ۾ ڪو به استاد مقرر نه ڪيو ويو آهي جنهن سبب ڳوٺ جي 80 کان مٿي شاگردن جو مستقبل تباهه ٿيڻ لڳو آهي ان سلسلي ۾ شاعر جمال الدين پالاري ۽ ڳوٺاڻن مطالبو ڪندي چيو آهي ته اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري ڏنو وڃي جيئن اسان جي معصوم شاگردن جو مستقبل بچي سگهي

ڪڙيوگهنور مقامي زميندار معزز شخصيت محمد نوحاڻي لاڏاڻو ڪري ويو

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور، راهو خاندان سان سياسي ويجهڙائپ رکندڙ، مقامي زميندار معزز شخصيت محمد نوحاڻي لاڏاڻو ڪري ويو سندس جنازي نماز ۾ سوين ماڻهن جي شرڪت ڪئي جڏهن ته پوئينرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي سياسي طور تي راهو خاندان سان ڊڪ سڪ ۾ رهندڙ علائقي جي معزز شخصيت سينئر ليڪڪ، صحافي ،نيشنل پريس ڪلب ڪڙيو گهنور جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري وفا ساڳر نوحاڻي جو، سالو، ماسٽر عبدالڪريم نوحاڻي جو چاچو زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي ڪراپ پراڊڪشن جي شاگرد عبدالله نوحاڻي جو والد محمد نوحاڻي ڦڦڙن جي ڪينسر سان جهيڙيندي 62، سالن جي عمر ۾ هڪ پرائيويٽ اسپتال ۾ انتقال ڪري ويو، سندس وفات جو اطلاع ملندي ئي علائقي ۾ سوگ وارو ماحول ڇانئجي ويو، مرحوم جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ رئيس عبدالله نوحاڻي مين ادا ڪئي وئي جنهن وڏيرو سرفراز راهو نيشنل پريس ڪلب ڪڙيو گهنور جي صدر آن جي محمد خان مهيري، پريس

شهدادڪوٽ جي ڊگري ڪاليج جي تڪراري پلاٽ بابت اسٽي آرڊر جاري

ڏرين کي ڪورٽ جي ڊٻل احڪامات تي سختي سان عمل ڪرڻ جي هدايت

پبلڪ هيلٿ پاران ڪاليج جي گرائونڊ تي ڪوٺائي وارو هلندڙ ڪم بند ڪيو ويو

شهدادڪوٽ (ن ع) شهدادڪوٽ جي ڊگري ڪاليج جي تڪراري پلاٽ واري معاملي بابت ڊسٽرڪٽ سيشن جج قمبر شهدادڪوٽ اسٽي آرڊر جاري ڪندي ڏرين کي ڪورٽ جي ڊٻل احڪامات تي سختي سان عمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ان ڏس ۾ ڊسٽرڪٽ سيشن جج قمبر هتان جي نالياري قانون دان ۽ اڳوڻي ضلع بار جي صدر ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو جي ڊٻل درخواست تي اهڙو اسٽي آرڊر جاري ڪيو ويو آهي معزز جج پاران ڊٻل اسٽي آرڊر واري حڪم کان پوءِ پبلڪ هيلٿ پاران ڪاليج جي گرائونڊ تي ڪوٺائي وارو هلندڙ ڪم بند ڪيو ويو آهي ٻئي طرف شهرين نالياري قانوندان ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ سندن ٽيم جي ٻين ميمبرن ساٿي وڪيلن ايڊووڪيٽ رفيق احمد خشڪ، ايڊووڪيٽ راجا رجب علي مگسي، ايڊووڪيٽ ساجد علي ميرجت ۽ ايڊووڪيٽ فواد سومرو جي ڪوشش جي واکاڻ ڪئي

ڪوٽڙي سائيٽ جي سڪندرآباد ۾ رهواسين جو پاڻي ڪوٽ خلاف احتجاج

وارڊ نمبر 13 جي رهواسين رستن تي نڪري انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آچر 20 سيپٽمبر 2026ع

ڪوهاٽ سانحو ۽ دهشتگرديءَ جو وڌندڙ خطرو

ڪوهاٽ ۾ جمع نماز دوران اولڊ پوليس لائين پرسان مسجد ۽ پوليس لائين تي دهشتگردن جي حملي هڪ ڀيرو ٻيهر امن ۽ سلامتيءَ بابت سنجيده سوال اٿاري ڇڏيا آهن. انهيءَ افسوسناڪ واقعي ۾ پوليس اهلڪارن ۽ عام شهرين سميت 21 ڄڻا شهيد ۽ 103 زخمي ٿي پيا. شهيدن ۾ ايس پي ٽريفڪ پڻ شامل آهي. آيل خبرن موجب بارود سان ڀريل گاڏي پوليس لائين جي گيٽ سان ٽڪرائي وئي ۽ زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن سبب مسجد جو حصو ۽ ويجهيون عمارتون متاثر ٿيون. ان کان پوءِ فائرنگ پڻ شروع ٿي وئي ۽ دهشتگردن پوليس لائين ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن ته سيڪيورٽي اهلڪارن جي جوابي ڪارروائيءَ ۾ 6 دهشتگرد موقعي تي مارجي ويا. اهو واقعو ان ڪري به وڌيڪ ڏکوئيندڙ آهي جو حملو جمع نماز دوران ٿيو آهي. جڏهن ماڻهو عبادت لاءِ مسجد ۾ گڏ ٿيل هئا. مسجد کي نشانو بڻائڻ نه رڳو بيگناهه انسانن جي قتل جو واقعو آهي پر مذهبي ۽ سماجي قدرن تي به حملو آهي. دهشتگردن جو مقصد اهڙين ڪارروائين ذريعي ماڻهن ۾ خوف پيدا ڪرڻ آهي. اهڙي صورتحال ۾ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن لاءِ سڀ کان وڏو چئلينج اهو آهي ته عوام کي تحفظ جو يقين ڏياريو وڃي.

دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ رڳو حملي آور کي مارڻ سان مسئلو ختم نٿو ٿئي. جيستائين ڪنهن حملي جي پويان منظم نيٽ ورڪ موجود آهي ته ان نيٽ ورڪ کي ٽوڙڻ وڌيڪ ضروري آهي. حملي جي منصوبابندي ڪندڙ، مالي مدد ڪندڙ، هٿيار ۽ بارود فراهم ڪندڙ ۽ مقامي سهولتڪار جيستائين قانون جي گرفت کان ٻاهر هجن ٿا ته مستقبل ۾ اهڙا حملا ٻيهر ٿي سگهن ٿا. دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي قربانين کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. حڪومت کي گهرجي ته اها ملڪي سيڪيورٽيءَ سان لاڳاپيل ادارن کي جديد تربيت، بهتر هٿيار، حفاظتي سامان، نگرانيءَ جا جديد وسيلا ۽ مضبوط انٽيليجنس سهڪار فراهم ڪري ته جيئن اهي دهشتگرديءَ جي نون طريقن جو موثر نموني مقابلو ڪري سگهن. ان سان گڏ حساس پوليس لائينن، ٿاڻن، عبادتگاهن ۽ ٻين اهم هنڌن جي سيڪيورٽيءَ جو به جامع جائزو وٺڻ ضروري آهي. واقعو پيش اچڻ کان پوءِ نفري وڌائڻ يا رستا بند ڪرڻ سان مستقل تحفظ فراهم نٿو ٿي سگهي. ان سان گڏوگڏ انٽيليجنس ادارن، پوليس، ريسڪيو ۽ انتظاميا وچ ۾ بهتر رابطو به اهڙين هنگامي حالتن ۾ نقصان گهٽائڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. دهشتگردن جو مقصد خوف پيدا ڪرڻ آهي. جڏهن ته رياست جو فرض عوام کي تحفظ ۽ اعتماد فراهم ڪرڻ آهي. ان لاءِ قانون جي حڪمراني، مضبوط ادارا، موثر انٽيليجنس، بهتر پوليسنگ ۽ عوام جو قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان سهڪار ضروري آهي. مسجدن مان امن ۽ برداشت جو پيغام مضبوط ڪرڻ سان گڏ انتهاپسنديءَ خلاف سماجي سطح تي به ڪم ڪرڻو پوندو. ڇو ته ملڪ اڳ ۾ ئي دهشتگرديءَ سبب هزارين قيمتي جانيون وڃائي چڪو آهي.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماضيءَ جي تجربن مان سبق وٺي دهشتگرديءَ خلاف مستقل ۽ واضح حڪمتِ عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڪوهاٽ سانحو اسان کي ٻيهر اهو احساس ڏياري ٿو ته امن جي حفاظت رڳو سيڪيورٽي ادارن جي ذميواري ناهي پر حڪومت، سياسي قيادت ۽ سڄي سماج کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. شهيدن جي قربانين جو اصل جواب اهو ئي هوندو ته دهشتگرديءَ جي پاڙ تائين پهچي ان جي پوري نيٽ ورڪ کي ختم ڪيو وڃي ۽ عوام کي بنا خوف جي عبادت، روزگار ۽ زندگي گذارڻ جو محفوظ ماحول فراهم ڪيو وڃي.

سنڌ جا بئراج: ماضيءَ جي ميراث، حال جي ضرورت!

رحمت الله ڀرڙو

سنڌ ۾ درياهه رڳو پاڻيءَ جو وهڪرو ناهي، اهو هتي جي زراعت، معيشت، آبادي، سماجي زندگي ۽ مستقبل جي بقا سان ڳنڍيل هڪ بنيادي وسيلو آهي. سنڌ جي موجوده زرعي ۽ آبپاشي نظام کي سمجهڻ لاءِ سنڌو درياهه تي تعمير ٿيل گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراجن جي اهميت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. اهي بئراج رڳو ڪنڪريٽ، فولاد ۽ دروازن جون اڏاوتون نه پر سنڌ جي لکين ايڪڙ زرعي زمين ۽ ڪروڙين ماڻهن جي معاشي زندگيءَ کي پاڻي فراهم ڪندڙ بنيادي ڍانچو آهن اهڙي پسمنظر ۾ سنڌ بئراجز امپرووومينٽ پروجيڪٽ (SBIP) بابت ورلڊ بئنڪ جي مشن جو تازو اختتامي اجلاس خاص اهميت رکي ٿو. سنڌ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جي چيئرمين نجم احمد شاهه جي صدارت هيٺ PCMU ۾ ٿيل اجلاس ۾ آبپاشي کاتي جي سيڪريٽري، PCMU جي پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر، PMO-SBIP جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ۽ لاڳاپيل ٽيم شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ منصوبي جي مجموعي ڪارڪردگي، رهيل معاملن سنگِ ميلن آپريشن اينڊ مينٽيننس (O&M) اسڪور ڪارڊ ۽ مستقبل جي مرحلن جو جائزو ورتو ويو. شرڪت ڪندڙن منصوبي جي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري ۽ نظرثاني ٿيل O&M اسڪور ڪارڊ تحت رينڪنگ ۾ واڌ تي اطمينان جو اظهار ڪيو. اجلاس ۾ اهو پڻ ٻڌايو ويو ته O&M اسڪور ڪارڊ جي بهتري لاءِ FAO جي ٽيڪنيڪل اسسٽنس ٽيم سهڪار فراهم ڪيو. ورلڊ بئنڪ جي مشن جي اڳواڻي SBIP جي نئين Task Team Leader زيلالم ٽيسفائي ميڪونن ڪئي، جڏهن ته اڳوڻو TTL فرانسوا اونيمس پڻ اجلاس ۾ موجود هو. بئراج کي رڳو درياهه تي ٺهيل هڪ بند سمجهڻ درست نه ٿيندو جديد آبپاشي نظام ۾ بئراج هڪ اهڙو انجنيئرنگ ڍانچو آهي، جيڪو درياهه جي وهڪري کي منظم ڪري، پاڻيءَ جي سطح کي ڪنٽرول ڪري ۽ مخصوص مقدار ۾ پاڻي مختلف ڪئنالن ڏانهن منتقل ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿو. ان سان گڏ بئراجن جو تعلق ٻوڏ جي انتظام، درياهي وهڪري جي نگراني، ڪئنالن جي آپريشن، آبپاشي جي تسلسل ۽ پاڻيءَ جي ورهاست سان پڻ آهي سنڌ ۾ گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي بئراج سنڌو درياهه جي مٿئين کان هيٺئين حصي تائين هڪ مربوط آبپاشي زنجير بڻائن ٿا. ورلڊ بئنڪ موجب سنڌ جي معيشت لاءِ سنڌو درياهه جي اهميت ان حقيقت مان ظاهر ٿئي ٿي ته صوبي جي 90 سيڪڙو کان وڌيڪ زرعي پيداوار آبپاشي نظام تي دارومدار رکي ٿي. انهيءَ ڪري بئراجن جي حفاظت جو سوال صرف آبپاشي کاتي جو انتظامي معاملو نه پر خوراڪ جي تحفظ، زرعي معيشت، روزگار ۽ موسمياتي خطري سان لاڳاپيل مسئلو آهي.

سکر بئراج: سنڌ جي ٽنهي بئراجن مان سکر بئراج تاريخي، انجنيئرنگ ۽ زرعي لحاظ کان غيرمعمولي حيثيت رکي ٿو. سرڪاري آبپاشي رڪارڊ موجب ان جو تصور 1868ع ۾ C.A. Fife پيش ڪيو، منصوبو 1923ع ۾ منظور ٿيو ۽ 1932ع ۾ بئراج ۽ ان سان لاڳاپيل ڪئنال نظام مڪمل ٿيو. بئراج جي ڊيگهه لڳ ڀڳ 4 هزار 9 سئو 25 فٽ آهي، جڏهن ته ان سان لاڳاپيل ڪئنالن جي مجموعي ڊيگهه 6 هزار 4 سئو 73 ميل ۽ واٽر ڪورسن جي ڊيگهه 47 هزار 8 سئو ميل ڄاڻائي وئي آهي. سکر بئراج مان نڪرندڙ نارا، روهڙي، خيرپور ايسٽ، خيرپور ويسٽ، نارٿ ويسٽ، رائس ۽ دادو ڪئنال سنڌ جي وڏي حصي کي آبپاشي پاڻي فراهم ڪن ٿا. سرڪاري رڪارڊ موجب سکر بئراج جو ڪمانڊ ايريا تقريباً 7.63 ملين ايڪڙ تائين پهچي ٿو جيڪو ملڪ جي ڪينال آبپاشي واري ايراضي جو تقريباً چوٿون حصو قرار ڏنو ويو آهي. خاص طور تي نارا ۽ روهڙي ڪئنال سنڌ جي زرعي تاريخ ۾ الڳ مقام رکن ٿا. روهڙي ڪئنال جي ڪمانڊ ايريا تقريباً 2.6 ملين ايڪڙ ۽ نارا ڪئنال جي لڳ ڀڳ 2.3 ملين ايڪڙ ڄاڻائي وئي آهي. ڪپهه، ڪڻڪ، ڪمند، چانور ۽ ٻيا فصل هن نظام سان ڳنڍيل علائقن جي زرعي معيشت جو حصو آهن. ان جو مطلب اهو ٿيو ته سکر بئراج جي ڪارڪردگي ۾ ڪا وڏي رڪاوٽ صرف هڪ انجنيئرنگ ڍانچي جو مسئلو نه هوندي، ان جا اثر آبادگارن، هارين، زرعي مزدورن، صنعتن خوراڪ جي فراهمي ۽ مجموعي علائقائي معيشت تائين پهچي سگهن ٿا.

گڊو بئراج: گڊو بئراج جو 1962ع ۾ ڪم شروع ٿيو ۽ ان جي ڪمانڊ ايريا بابت سنڌ آبپاشي کاتو تقريباً 2.234 ملين ايڪڙ cultivable command area ڄاڻائي ٿو ان مان گهوٽڪي فيڊر، بيگاري سنڌ فيڊر، ڊيزرٽ پيٽ فيڊر ۽ ريني ڪئنال اهم آبپاشي ذريعا آهن. اهو نظام سنڌ جي اترين ضلعن سان گڏ بلوچستان جي ڪجهه علائقن لاءِ به اهم آهي. اهڙيءَ طرح بئراجن جي اهميت صوبائي سرحدن تائين محدود نه رهي ٿي.

ڪوٽڙي بئراج: سنڌ جي هيٺئين وارن علائقن ۾ ڪوٽڙي بئراج جو ڪردار پنهنجي نوعيت ۾ وڌيڪ حساس آهي سرڪاري معلومات موجب ڪوٽڙي بئراج 1955ع ۾ مڪمل ٿيو ۽ ان مان نڪرندڙ ڪئنال تقريباً 3 ملين ايڪڙ جي ايراضيءَ کي آبپاشي فراهم ڪن ٿا. ڪلري ٻگهاڙ فيڊر جو نظام ڪينجهر ڍنڍ سان پڻ ڳنڍيل آهي انهيءَ ڪري سنڌو درياهه جي وهڪري کي گڊو، سکر ۽ ڪوٽڙي جي تسلسل ۾ ڏسڻ ضروري آهي هڪ بئراج جي ڪمزوري يا آپريشنل مسئلو پاڻيءَ جي مجموعي انتظام تي اثرانداز ٿي سگهي ٿو.

سنڌ بئراجز امپرووومينٽ پروجيڪٽ جو بنيادي مقصد وقت سان پراڻن ٿيندڙ بئراجن جي بحالي، انهن جي حفاظت ۽ آبپاشي کاتي جي انتظامي ۽ فني صلاحيت وڌائڻ آهي SBIP جو تازو مشن اختتامي اجلاس ان لحاظ کان اهم آهي ته ان ۾ رڳو گذريل ڪارڪردگي جو جائزو نه ورتو ويو پر رهيل سنگِ ميلن کي وقت سر مڪمل ڪرڻ ۽ ايندڙ مرحلن لاءِ ادارن وچ ۾ هم آهنگي تي زور ڏنو ويو. هاڻي اصل سوال اهو آهي ته عالمي مالياتي ادارن جي سوين ملين ڊالرن جي فنانسنگ، سنڌ حڪومت جي counterpart resources ۽ فني ماهرن جي سهڪار جو مستقل نتيجو ڇا نڪري ٿو؟ سنڌ لاءِ ڪاميابي جو معيار صرف اهو نه هجڻ گهرجي ته منصوبو وقت تي مڪمل ٿيو يا O&M score بهتر ٿيو. اصل ڪاميابي تڏهن ٿيندي، جڏهن بئراج محفوظ هجن، ڪئنالن ۾ پاڻي جي ورهاست وڌيڪ موثر هجي، tail-end آبادگار تائين پاڻي پهچي، زرعي پيداوار ۾ استحڪام اچي، پاڻيءَ جو ضايع گهٽجي ۽ ايندڙ ڪيترن ئي ڏهاڪن لاءِ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ کي محفوظ ۽ سائنسي طريقي سان منظم ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ٿئي.

زوال ڏانهن ويندڙ سماج!

منظور ڪوسو

اهڙو ڪو واءُ وريو جو هڪ مهذب سماج جنهن سيئي شاندار ريتون، رسمون، محبت ڀريا ميڙاڪا ۽ هڪٻئي جي ڏکيءَ سکيءَ ۾ سارسنڀال لهڻ وارا احساس، سيئي ڪک پن ٿي اڏامي ويا. اهو سڀ ڪجهه ڪو هڪ ڏينهن ۾ اوچتو ڪونه ٿيو پر ڪافي ورهين کان بتدريج معاشري ۾ نفرتن، بيزاري، عدم برداشت ۽ خود غرضيءَ جا ٻج ڇٽيا پئي ويا. پوءِ آهستي آهستي انهن ٻجن پاڙون پختيون ڪيون، شاخون ڪڍيون، وڏي وڻ ٿيا ۽ اسان جي اجتماعي زندگي ان چانو هيٺان ساهه پئي ڪٽي. اهڙو نفسانفسيءَ جو ماحول پيدا ٿيو، جنهن جا نهايت ڏکوئيندڙ نتيجا اڄ پاڻ اکين سان ڏسي رهيا آهيون. انسانيت ظلم ۽ نفرتن جي چانو ۾ ساهه پئي کڻي. هر شخص پنهنجي بقا جي جنگ ۾ مصروف آهي. دنيا جا انسان ۽ وسيلا چند ماڻهن جي مُٺ ۾ قيد آهن. ڪهڙي اهڙي مصيبت آهي، جنهن ۾ اڄ جو ماڻهو گرفتار نه هجي! سو اهڙي ماڻهوءَ تي لکڻ مهل لامحال هر ليکڪ جي ذهن تي هيءَ سٽ تري ايندي 'لڙڪ نه لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي'. جيل، ٿاڻا، اسپتالون، بازارون، ٽهڪندڙ گرميءَ ۾ مزدوري ڪندڙ پورهيت، هاري ناري، مرد توڙي عورتون سيئي ظلم جي چڪيءَ ۾ پيا پسجن. اشرافيه ڪانسواءِ ڪوبه خوشحال ڪونهي. افسوس جو مقام اهو آهي ته وري انهيءَ ئي طبقي ۾ نه ايڪو آهي نه احساس. هر ڪو پنهنجي پگهر ۾ ٻڏو پيو آهي!

جهڙي ريت قومن کي civilized ٿيڻ ۾ ورهيه لڳندا آهن، اهڙي ريت انهن کي تباهه ڪرڻ ۽ uncivilized بڻائڻ ۾ به ورهين جو سفر هوندو آهي. جيڪڏهن معاشري جي موجوده حالتن جو سرسري جائزو وٺجي ته اهو چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته معاشرو گهٽي قدر خيں احساس ۽ کهڪاءَ کان خالي ٿي چڪو آهي پلي ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪتا، مرون پٽي رهيا هجن پر ڪو اڳتي وڌي انهن کي هڪل ڪونه ڪندو پر پنهنجي واٽ وٺي رمندو رهندو ڇا نه پٽائي صاحب ڳالهه ڪئي آهي ته:

آدمين اخلاص، مٺائي مانو ڪيو.
هاڻي ڪائي سيڪو، ماڻهوءَ سندو ماسُ.

جڏهن ماڻهن ۾ اخلاص نه رهندو آهي ته پوءِ ماڻهو واقعي هڪٻئي کي ڪاڻ لڳندا آهن. جيئن اڄ ڪالهه سماج ۾ پاڻ ڏسون پيا ته انسان، انسان جو ويري آهي. جڏهن انسانيت کي باقي رکڻ وارا اهي احساس ئي مري کپي وڃن ته پوءِ اياز گل جي هيءَ سٽ اسان تي سئو فيصد صادق اچي ٿي 'احساس بنا ماڻهو اخبار پراڻي آ' ۽ پراڻي اخبار ڪهڙي ڪم جي، ان کي ته ويڙهي سيڙهي رديءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي!

معاشري ۾ هر پهلو کان اخلاقي زوال جو هڪ طوفان آيل آهي. خبرون پڙهو ته لڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. معصوم ٻارڙن سان گينگ ريپ، ڪين قتل ڪرڻ، نوجوانن کي منشيات جو عادي بڻائڻ سوڙهين گهٽين، روڊن رستن تي نشي ۾ بيهوش نوجوان اُئين ڪريا پيا آهن. ڄڻڪ ڪي لاش هجن. ٽڙندڙ ٽاريجندڙ نشي جي عادي ماڻهن کي اِها خبر آهي ته هنن کي منشيات ڪٿان ملندي ته پوءِ رياست جا ذميدار ادارا ڪيئن بي خبر هوندا ته شهرن ۾ ڪير ۽ ڪٿان منشيات هلائي نسل تباهه ڪري رهيو آهي. جڏهن ماڻهن ۾ احساس ۽ ماڻهپو نه رهي ته هُو سماج لاءِ هڪ زهرِ قاتل بڻجي وڃي

ٿو ۽ مٿان وري ظلم اِهو ته انصاف اُلٽ ۽ جزا سزا جو نظام به ڪرپشن جو شڪار هجي. منشيات ۽ وياج معاشري جي نئين نسل کي صفا مفلوج ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ زهر کي سماج ۾ پکيڙڻ وارا ۽ انهن جا سهولتڪار ڪا خلائي مخلوق ڪونهن پر اهي ئي ماڻهو آهن جيڪي اسان سان گڏ هن سماج ۾ رهن ٿا پر الميو اِهو آهي ته انهن جي دل ۾ انسانيت لاءِ ڪو ڪهڪاءُ ڪونهي. تڏهن ئي تباهي جا سامان وڪرو ڪري رهيا آهن. وياجن جا مقروض هزار وڻي جڏهن لکن ۾ پهچي وڃن ٿا ته پوءِ ڪجهن ذهنن کي ڇوٽڪاري جي ڪا صورت نظر نه ٿي اچي ته آخر ۾ انتهائي خطرناڪ قدم کڻندي هُو خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته اهڙي انتهائي قدم جا هُو اڪيلا نه پر سڄو معاشرو ذميوار آهي. جيڪو وقت سِر انهن کي سنڀالي نه سگهيو. تازو اهڙو ئي هڪ دردناڪ واقعو شڪارپور ۾ رونما ٿيو. جڏهن ڦوهه جوانيءَ جي ڏينهن ۾ نوجوان شاهوير شاهه جيمخاني ۾ پاڻ تي فائر ڪري زندگي جو ڏيئو هميشه لاءِ اجهائي ڇڏيو. جڏهن سوچون مفلوج ٿي وڃن ٿيون ته پوءِ اهڙا ڀيانڪ واقعا رونما ٿين ٿا. خودڪشي ڪنهن مسئلي جو حل نه آهي. ان جي پسِ پرده به ڪجهه سبب ضرور ٿين ٿا. پوءِ به انهن سببن کي خودڪشيءَ جو جواز بڻائي نه ٿو سگهجي. ڪو انتهائي قدم کڻڻ کان پهرين نوجوانن کي اِهو سوچڻ گهرجي ته هو اڪيلا ڪين آهن پر والدين، ڀيڻ، ڀائر ۽ خاندان سيني جي زندگي هُو زهر بڻائي رهيا آهن. رپورٽن مطابق پاڪستان ۾ سڀ کان وڌيڪ خودڪشيءَ جا واقعا سنڌ ۾ ٿين ٿا. سنڌ مينٽل هيلٿ اٿارٽي SMHA ۽ انساني حقن جي تنظيمن جي تازين رپورٽن مطابق ڏکڻ سنڌ ۽ ٿرپارڪر واري علائقي ۾ اِها صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي ٿي چڪي آهي. ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، بدين ۽ ميرپورخاص ۾ گذريل سال سوين ڪيس رپورٽ ٿيا آهن پر خودڪشيءَ جا ڪافي ڪيس اهڙا به هوندا آهن جيڪي بدناميءَ سبب مٿان خفيه رکندا آهن. شڪارپور ضلعو پڻ سنڌ جي انهن اترين ضلعن ۾ شامل آهي، جتي خودڪشيءَ جي رجحان ۾ اضافو ڏٺو ويو آهي. جتي وياج خورن ۽ منشيات فروشن کي کُلي ڇوٽ مليل آهي، جن سوين گهر اجاڙي ڇڏيا آهن. جيتوڻيڪ قانوني طور وياج جي ڪاروبار تي بندش پيل آهي پر اسان جو الميو اِهو آهي ته جن به شين تي قانوني بندش پيل هوندي آهي سڀ کان وڌيڪ هلت به انهن شين جي هوندي آهي. معاشرو بيروزگاري، مفلسي ۽ مهانگائيءَ جو شڪار ته اڳ ئي آهي، هاڻي انهن حالتن مان وياج خور فائدو وٺي رهيا آهن. هزار ڏئي ماڻهن کان لک پيا اوڳاڙين ٿا. ڪن پنهنجا گهر گهاٽ وڪڻي ڇڏيا ته ڪن پنهنجون زندگيون ختم ڪري خاندان اجاڙي ڇڏيا. ايترو انياءُ پيو ٿئي پر ڪا خبر ناهي ته رياستي ادارا ڇا پيا ڪن؟ مون نه ڏٺو ته ڪڏهن ڪو وياج خور ۽ منشيات فروش قانون جي پڪڙ ۾ آيو هجي. معاشرو تيزيءَ سان تباهيءَ ڏانهن پيو وڃي، ان کي روڪڻ لاءِ هر ساڃاهه وند کي پنهنجي وت وس آهر اڳتي وڌڻ گهرجي.

بلاول ڀٽو زرداري: شهيدن جي امانت ۽ ملڪ جو روشن مستقبل!

ظفر ثناءُ الله چانڊيو

21 سيپٽمبر 1988ع جو اهو تاريخي ڏينهن، جڏهن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي گهر ۾ هڪ اهڙي گل جو جنم ٿيو، جنهن اڳتي هلي پاڪستان جي سياست ۾ نئين روح ڦوڪيو. جڏهن اهو گل کو ٽيو نه پر اڄ جو اسان جو محبوب چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري صاحب آهي. بلاول ڀٽو زرداري صرف هڪ نالو ناهي پر هڪ سوچ جو نالو آهي. هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڏاهپ، شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي بهادري ۽ صدرِ مملڪت آصف علي زرداري جي مفاهمت واري سياست جو حسين سنگم آهي.

تعليم ۽ تربيت: بلاول صاحب ابتدائي تعليم دبئي ۽ لنڊن ۾ حاصل ڪئي ۽ پوءِ دنيا جي عظيم درسگاهه آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان تاريخ ۽ سياست ۾ گريجوئيشن ڪئي آهي. اها ساڳي يونيورسٽي آهي، جتان سندس نانو محترم شهيد ڀٽو ۽ ماءُ شهيد بي بي به تعليم پرائي هئي. 27 ڊسمبر 2007ع تي جڏهن شهيد بي بيءَ کي اسان کان کسيو ويو ته بلاول صاحب صرف 19 سالن جو هو پر هن نهايت همت ۽ حوصلي سان پارٽيءَ جي قيادت جو بار پنهنجي ڪلهن تي کنيو.

پرڏيهي وزير جي حيثيت ۾ مليل تاريخي ڪاميابيون: جڏهن 2022ع ۾ بلاول ڀٽو پاڪستان جي تاريخ جو سڀ کان ننڍي عمر جو "پرڏيهي وزير" مقرر ٿيو ته ان وقت پاڪستان دنيا ۾ اڪيلو ٿي چڪو هو. پر هن پنهنجي شاندار سفارتڪاريءَ سان سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو. هن جون ڪجهه اهم ڪاميابيون هي آهن:

جون 2022ع ۾ تاريخي سفارتڪاري: جڏهن سڄي سنڌ ۽ بلوچستان ٻوڏ ۾ ٻڏي ويا هئا ته هن گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ اهڙي دل کي هلائي رکندڙ تقرير ڪئي جو سڄي دنيا روئي پئي. سندس ئي ڪوششن سان جنيوا ڪانفرنس ۾ پاڪستان لاءِ 10 ارب ڊالر کان وڌيڪ امداد جو اعلان ٿيو.

'روٽي، ڪپڙو ۽ گهر' ملي، هو چاهي ٿو ته هن ملڪ ۾ نوجوانن کي روزگار ملي، هارين کي پنهنجي فصل جو صحيح اگهه ملي ۽ مزدور کي عزت ملي. هن سنڌ ۾ صحت جي شعبي ۾ دنيا جا بهترين اسپتالون ٺاهي اهو ثابت ڪيو آهي ته پيپلز پارٽي ئي عوام جي خدمت ڪري سگهي ٿي. اڄ اسان سڀ ورڪر جيالا ۽ سنڌ جا نوجوان اهو عزم ڪريون ٿا ته اسان پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ سان ڪُلهو ڪُلهي سان ملائي بيٺل آهيون ۽ انشاءَ الله هڪ ڏينهن کيس هن ملڪ جو وزيراعظم بڻائي، شهيدن جي اڌوري مشن کي تڪميل تائين پهچائينداسين.

جڏهن عمران خان جي حڪومت ۾ مهانگائي عروج تي پهتل هئي، غريب عوام بک وگهي مري رهي هئي ۽ معيشت تباهه ٿي چڪي هئي، جڏهن ڪنهن ۾ به هن نااهل حڪومت خلاف ڳالهائڻ جي همت نه هئي، تڏهن به هن ڪيترائي اهم ڪارناما سرانجام ڏنا.

ڪراچي کان اسلام آباد تائين تاريخي لانگ مارچ: 27 فيبروري 2022ع تي اسان جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جيالن جي خواهش تي ڪراچيءَ کان عمران خان جي نااهل حڪومت خلاف هڪ تاريخي لانگ مارچ جو آغاز ڪيو. اهو مارچ ڪراچيءَ کان شروع ٿي، سڄي سنڌ ۽ پنجاب مان ٿيندو اسلام آباد جي ڊي چوڪ تائين پهتو. هن 10 ڏينهن جي لانگ مارچ ۾ لکين جيالا، نوجوان ۽ عوام شريڪ ٿيو. بلاول صاحب هر شهر ۾ خطاب ڪندي چيو ته 'هيءَ نااهل حڪومت عوام دشمن آهي، هن غريب کان مانيءَ جو گرهه به کسي ورتو آهي.' اهو بلاول صاحب جي ئي لانگ مارچ جو نتيجو هو جو اسلام

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

سنڌ جي ماڻهن کي خيرات نه پر روزگار جا وسيلا ڪپن!

سنڌ قرني صدين کان زراعت، هنر، واپار ۽ محنت جي سڃاڻپ رهي آهي هتي جا ماڻهو محنت کان ڪڏهن به نه ڪيٻائيندا آهن پر مسئلو اهو آهي ته ڪيترن ئي ماڻهن وٽ محنت ڪرڻ جي خواهش ته موجود آهي پر روزگار جا مناسب وسيلا موجود ناهن سنڌ ۾ زراعت روزگار جو وڏو ذريعو آهي جيڪڏهن آبادگارن کي جديد زرعي تربيت، معياري ٻج، مناسب پاڻي، زرعي مشينري، مارڪيٽ تائين رسائي ۽ فصل جي مناسب قيمت يقيني بڻائي وڃي ته هزارين خاندان پنهنجي پيرن تي بيهي سگهن ٿا. ڳوٺن ۾ ڪيترائي نوجوان اهڙا آهن جيڪي پڙهيل لکيل ته آهن پر ڪين روزگار جي بازار جي ضرورتن مطابق مهارتون حاصل ڪرڻ جا موقعا ناهن مليا. جيڪڏهن هر ضلعي ۽ تعلقي سطح تي جديد، فني ۽ ووڪيشنل تربيت جا مرڪز قائم ڪيا وڃن جتي بجلي، سولر ٽيڪنالاجي، موبائل مرمت، ڪمپيوٽر، آن لائين ڪم، سلائي ڪڙهائي، موٽرسائيڪل مرمت، پلمبنگ ۽ ٻين هنرن جي تربيت ڏني وڃي ته نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان دروازا کلي سگهن ٿا. ساڳئي وقت عورتن جي

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي ياد ۾..!

ورسيءَ جي مناسبت سان

عبدالمفتاح عباسي

سنڌ ڌرتي خوشنصيب آهي جو انهيءَ ۾ اڻ مٽيا هيرا ۽ موتي جنم وٺندا رهيا آهن حقيقت اها آهي ته سنڌ جي زرخيز مٽيءَ ۾ اها خوشبوءِ سمايل آهي جنهن جي هٻڪاءُ ۾ پنهنجي وطن سان نينهن نڀائڻ جو وڄن ورجايو وڃي ٿو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو وڏو فرزند مير مرتضيٰ ڀٽو 18 سيپٽمبر 1954ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم سينٽ ميري اسڪول راولپنڊيءَ مان حاصل ڪيائين جنهن بعد هن 'اوليول' جو امتحان 1971ع ۾ ڪراچي گرامر اسڪول مان پاس ڪيو. گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ هارورڊ يونيورسٽي لنڊن پڙهڻ ويو. جتي 1976ع ڌاري ڊگري حاصل ڪيائين بعد ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو پنهنجي والد جي خواهش تي ڪرائسٽ چرچ ڪاليج آڪسفورڊ ۾ ٽن سالن جو ڪورس ڪرڻ ويو 5 جولاءِ 1977ع تي جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو ته مرتضيٰ ڀٽو لاڙڪاڻي ۾ 'المرتضيٰ هائوس' ۾ موجود هو جڏهن سندس والد کي گرفتار ڪيو ويو ته کيس والد حڪم ڪيو ته هو ملڪ کان ٻاهر هليو وڃي انهيءَ دوران 1979ع ۾ سندس والد ذوالفقار علي ڀٽي کي قتل جي ڪوڙي الزام ۾ ڦاهيءَ جي سزا ٻڌائي وئي، جنهن سبب مير مرتضيٰ ڀٽو پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي ڏيهه اچڻ لاءِ تياري ڪرڻ لڳو پر پنهنجي عظيم والد جو پيغام مليس ته هو سنڌس آزاديءَ لاءِ عالمي طاقتن کي اعتماد ۾ آڻڻ لاءِ ملڪ کان ٻاهر ئي رهي ۽ منهنجي آزاديءَ لاءِ ڪوششون ڪري.

اڳتي هلي جڏهن ڀٽي صاحب کي آمر ضياءَ پاران ڦاسي ڏني وئي ته ڏک ۽ ڪاوڙ وچان مرتضيٰ ڀٽو پنهنجي ڀاءُ مير شاهنواز سان گڏ جدوجهد جو شروعات ڪئي انهيءَ عرصي دوران ٻنهي ڀائرن ٻن سڳين ڀينرن سان شادي ڪئي جن مان ٻنهي کي هڪ هڪ نياڻي به ٿي مرتضيٰ ڀٽي جي نياڻيءَ جو نالو فاطمه ڀٽو رکيو ويو 18 جولاءِ 1985ع تي شاهنواز ڀٽو جيڪو فرانس ۾ رهائش پذير هو ان جو لاش سندس گهر مان مليو جنهن بابت چيو وڃي ٿو ته کيس زهر ڏنو ويو هو. شاهنواز جي وفات کانپوءِ مير مرتضيٰ اڪيلو ٿي پيو ۽ هن پنهنجي گهر واريءَ کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ پنهنجي ڌيءَ کي پاڻ سان گڏ رکيو اڳتي هلي سندس ٻي شادي لبنان جائي غنويٰ ڀٽو سان ٿي

1993ع ڌاري هو وطن موٽيو. سندس حمايتين هن جو ڀرپور استقبال ڪيو ڪجهه سالن بعد سندس ڀيڻ محترمه بينظير ڀٽو هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ جي وزيراعظم چونڊجي آئي پر ان اليڪشن دوران هن محترمه بينظير ڀٽو سان ڪجهه نظرياتي اختلاف پيدا ٿي پيا ۽ باوجود انهيءَ جي هو سنڌ اسيمبليءَ جي سيٽ تي ڪامياب ٿي ايوان ۾ پهتو.

آخرڪار 20 سيپٽمبر 1996ع جي رات جڏهن هو پنهنجي ساٿين سان گڏ ڪراچيءَ ۾ هڪ جلسي تان موٽي رهيو هو ته 70 ڪلفٽن ويجهو سندن رهائشگاهه وٽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن ڪاروائي ڪندي، هنن مٿان اڌا ڌنڌ فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن سبب مير مرتضيٰ ڀٽو شديد زخمي ٿي پيو ۽ اسپتال ۾ وفات ڪري ويو. هو سنڌ جو اڻڻو پٽ هو، جيڪو پنهنجي والد صاحب جي نقش قدم تي هلندي شهيد ٿيو ساڻس گڏ سندس ڇهه ساٿي به شهيد ٿيا. سندس مرڻ هزارين اکين سان ڳوڙهي خدا بخش ڀٽو لاڙڪاڻو ۾ دفنايو ويو. ڀاءُ جي غم ۾ ورتل ڏکوئڪي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو جي حڪومت خلاف سازشون سٽجڻ لڳيون ۽ ان وقت جي صدر فاروق لغاريءَ محترمه جي حڪومت ختم ڪري ڇڏي. شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو هڪ قدآور شخصيت جو مالڪ هو سندس شهادت جي خبر نه رڳو ڀيڻ بينظيرءَ ماءُ بيگم نصرت ڀٽو لاءِ پر اها ڏکائيندڙ خبر پوري سنڌ ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ ڪنهن هڪ وڏي سانحي کان گهٽ نه هئي

هو روايتي سياست ڪرڻ بجاءِ عملي سياست ۾ يقين رکندو هو هو بهادر، جرئتمند، بيباڪ عوام جي ڏکن دردن جو اهڙو درمان ۽ مرهم هو، جنهن جو مثال ڪٿي به نٿو ملي توڙي جو هن سڄي زندگي جلاوطنيءَ ۾ گذاري پر انهيءَ هوندي به پنهنجي ماتر ڀومي سنڌ سان نينهن نڀائڻ جو انداز وساري نٿو سگهجي ملڪ جو عوام سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي معزز ججن کان مطالبو ٿو ڪري ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي ناحق خون سان انصاف ڪيو وڃي شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت کي 30 سال گذرڻ باوجود اڄ به سنڌ جو شعوري عوام شدت سان ياد ڪري ٿو هو پنهنجي عظيم والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيان بهادر، سچو، کرو ۽ نيڪ نيت مخلص جذبي سان سرشار شخصيت جو مالڪ هو سنڌ جو عوام اميد ڪري رهيو آهي ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو پوٽو ڀٽو خاندان جو پڳدار جونئير ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي سنڌ، پنهنجي عوام مارو ماڻهن جي واهر ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ ايندو ته کيس موٽ ۾ ضرور ڪاميابيون ملنديون

اڄوڪو ڏينهن ..... 20 سيپٽمبر

مولانا غلام محمد ملڪاڻي

سيد امداد علي شاهه رضوي



استاد گلزار علي خان

نوشين شيخ


مختيار انڙ

مفتي خليل احمد جان نقشبندي

سيد نويد قمر





لطيف اياز پنهور



قضا غزل

مير اصغر حسين اصغر ٽالپر

تاج بلوس

نثار کهڙو



ڪراچي بار ۾ سنڌ لائرز ڪانفرنس، ورهاڱي خلاف وڪيلن پارن جو ڌرڻي مارچ جو اعلان

ورهاڱي جون ڳالهيون صوبن جي وسيلن تي نظر رکڻ برابر آهن، سنڌ جي ورهاست برداشت نہ ڪنداسين: اڳواڻ

سنڌ جي مختلف بار ايسوسيئيشنن کي گڏ ڪري گورنر هائوس تائين لانگ مارچ ڪيو ويندو

رڳو ڪنوينشن ۽ تقريرن بدران عملي لائحہ عمل جو اعلان ڪنداسين، مرحليوار پروگرام جوڙيا ويندا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سڄي سنڌ جي وڪيل برادري بار ايسوسيئيشنن توڙي سنڌ بار ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن سنڌ جي ورهاڱي جي سازشن کي ملڪ جي سلامتي خلاف سازش سڏيندي ان خلاف ڌرڻي مارچ ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. اهڙو اظهار ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي ميزباني هيٺ سنڌ لائرز ڪانفرنس ۾ ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين بئريسٽر اشتياق ميمڻ، سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر عبدالحسيب جمالي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ، سنڌ بار ڪائونسل جي چونڊيل ميمبر حق نواز ٽالپر، ڪي بي لغاري سميت مختلف ضلعي ۽ تعلقي بار ايسوسيئيشنن جي اڳواڻن خطاب ڪيو. ان موقعي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر عبدالحسيب جمالي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ ڌرتي صوفين جي ڌرتي آهي، سنڌ سڀني کي ويلڪم ڪيو آهي، عزت ۽ محبت ڏني آهي، سنڌو درياءَ جو پاڻي پيتو آهي، سنڌ سان وفا ڪنداسين، سنڌ جي تقسيم ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪنداسين، سنڌ مضبوط هوندي تہ پاڪستان مضبوط ليندو سنڌ جو ورهاڱو نہ رڳو سنڌ ۾ ملڪ جي سالميت خلاف پڻ آهي. هن چيو تہ سنڌ جي ورهاڱي جون ڳالهيون اصل ۾ صوبن جي وسيلن تي نظرون آهن. وسيلن تي صوبن جي عوام جو حق آهي ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل جي وائيس چيئرمين اشتياق علي ميمڻ خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ جي مضبوطي پاڪستان جي استحڪام جي ضمانت آهي. ڪراچي ۾ رهندڙ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ کي اسان سنڌي سمجهون ٿا، ڪراچي سنڌ جي دل آهي ۽ هميشہ رهندي. ان موقعي تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري ارشد شر خطاب ڪندي چيو تہ اسين ڪراچي ۾ رهندڙ سمورن کي سنڌي سمجهون ٿا. سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ڪندڙ ڪراچي بار کي بہ ورهائڻ چاهن ٿا پر اهو سندن جو خواب ئي رهندو. سنڌ قائم ۽ دائم رهندي ۽ ڪراچي بار بہ قائم ۽ متحد رهندي. هن چيو تہ اسان چاهيون ٿا سموري سنڌ جي وڪيلن جي ريلي ڪڍي ڪراچي ۾ پهچي. اسان جا وڏا بلوچستان کان لڏي آيا هئا، اسان تہ سنڌ کي پنهنجو ڪري ڇڏيو سين، اڄ اسين سنڌ سان غداري ڪيئن ٿا ڪري سگهون. جيڪڏهن پاڪستان ترقي ناهي ڪئي تہ ان جي ذميوار اسٽيبلشمينٽ آهي. پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي سنڌ جي وحدانيت جي ضمانت آهي. ماءُ جو ورهاڱو ڪندڙ ڌرتي جي اولاد نٿو ٿي سگهي. ان موقعي تي سنڌ بار ڪائونسل جي چونڊيل ميمبر ڪي بي لغاري خطاب ڪندي چيو تہ هاڻي سوال اهو آهي تہ سنڌ ورهائڻ خلاف اسان سڀني کي ڪرڻو ڇا آهي؟ صرف تقريرون ڏيڻ نعرا لڳڻ، ڪاڙو ڪاٺيون ۽ پوءِ سڀ پنهنجي گهرن ڏانهن هليا وڃون، تہ ان سان مسئلو حل نہ ٿيندو. اڄ مان صرف قيادت کي اهو ٻڌائڻ ۽ درخواست ڪرڻ آيو آهيان تہ هاڻي عملي لائحہ عمل ڏيڻ جي ضرورت آهي. باقي فيصلو قيادت کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن قيادت طرفان ڪو لائحہ عمل نہ ڏنو ويو تہ پوءِ شايد اسان پنهنجي دوستن سان گڏجي ڪو عملي پروگرام پيش ڪنداسين. هن چيو تہ منهنجي تجويز آهي تہ سنڌ ورهائڻ واري منصوبي خلاف وڏيڪ دير نہ ڪئي وڃي، چاڪاڻ تہ گهڻي دير ٿي سگهي ٿي. جيڪي دوست قانون جي بالادستي، مهانگائي ۽ پنهنجي حقن جي تحفظ لاءِ جدوجهد ۾ ساٿ ڏيڻ چاهين ٿا، اهي گڏ ٿين هن سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف بار ايسوسيئيشنز کي گڏ ڪري هڪ لانگ مارچ جو منصوبو جوڙڻ جي تجويز ڏني وئي، مختلف ضلعن ۽ تعلقي بار مان

وڪيلن کي گڏ ڪندي مارچ کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ آخرڪار ڪراچي ۾ گورنر هائوس تائين پهچڻ جو پروگرام ناهيو وڃي، جنهن کي خطاب ۾ وفاق جي علامت قرار ڏنو ويو. تجويز ڪيل پروگرام تحت 22 تاريخ تي شروعاتي مرحلو 23 ۽ 24 تاريخ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۽ بارن مان وڪيلن کي گڏ ڪرڻ، جڏهن تہ ان کان پوءِ نوشهروفيروز، مورو دادو، نوابشاهہ هالا، مٽياري، سانگهڙ ٽنڊو آدم، ميرپورخاص، ٽنڊوالهيار، حيدرآباد، ڄامشورو بدين ۽ ٽنڊو محمد خان سميت مختلف علائقن مان وڪيلن کي گڏ ڪري ڪراچي طرف اڳتي وڌڻ جي تجويز پيش ڪئي وئي. هن چيو تہ مليرڻ بار کان پوءِ ڪراچي بار ۽ ان کان پوءِ گورنر هائوس تائين گڏيل طور تي پهچڻ جو لائحہ عمل تيار ڪيو وڃي. ان موقعي تي مختلف شهرن جي وڪيلن خطاب ڪندي چيو تہ جيڪڏهن عملي جدوجهد ڪرڻي آهي تہ پوءِ رڳو ڪنوينشن ۽ تقريرن تائين محدود نہ رهڻ گهرجي. حيدرآباد ۽ ميرپورخاص سميت مختلف هنڌن تي ڪنوينشن ڪرائڻ سان گڏ عملي قدم بہ کڻڻ گهرجن. هنن چيو تہ اڄ وڪيلن لاءِ ڏکيو وقت آهي ۽ ڪيترائي ماڻهو خوف يا ٻين سببن جي ڪري اڳتي نٿا اچن. اسان جي ڪنهن سياسي پارٽي سان وابستگي ناهي، نہ اسان ڪي سينيٽر بڻجڻو آهي، نہ چيئرمين يا وزير بڻجڻو آهي. اسان جو مقصد ذاتي عهدو حاصل ڪرڻ نہ، پر ملڪ جي خاطر جدوجهد ڪرڻ آهي. ان موقعي تي ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ کي توڙڻ جو ڪنهن کي بہ فائدو نہ ٿيندو 26 ۽ 27 ترميم کان پوءِ عدالتون ڪنٽرولڊ ٿي ويون آهن. 26 ۽ 27 ترميم کان اڳ عدالتن جا سنهرا خواب ڏيکاريا ويا، ساڳي طرح سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ ڪري عوام کي فائدو ڏيڻ جون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. اهڙو ڪجهہ بہ نہ ٿيندو سازشون جاري آهن. اها بہ سازش ٿي رهي آهي تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار جون چونڊون ڪراچي بار جي چونڊن کان پوءِ ڪرايون وينديون پر اسان اليڪشن وقت تي ئي ڪرائينداسين. پاڪستان بار جي فيصلي کي قبول نہ ڪنداسين. اليڪشن وقت تي ٿيڻ گهرجي. سنڌ خلاف ٿيندڙ سازش ملڪ کي ڪمزور ڪندي. مسئلا حل چاهيو ٿا تہ ملڪ ۾ شفاف چونڊون ڪرايون وڃن، ميرٽ جي بحالي بہ ضروري آهي، گڊ گورننس جي سخت ضرورت آهي. سنڌ تقسيم واري ڳالهہ ڪندڙن کي ٻڌائڻ چاهيون ٿا تہ هو سنڌ جي 8 ڪروڙ عوام جي دل آزاري ڪري رهيا آهن. هن چيو تہ ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف هڪ مارچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. مارچ جو نالو ڌرتي مارچ رکيو ويو آهي ۽ اهو مارچ سنڌ جي ورهاست واري منصوبي خلاف هوندو. ان کان اڳ ڪنوينشن کي بدين بار ايسوسيئيشن جي وڪيل اڳواڻ امير آزاد سميت مختلف بارز جي نمائندن سنڌ جي جاگرافيائي وحدت برقرار رکڻ تي زور ڏيندي چيو تہ سنڌ جي ورهاڱي بابت بيانن سان عوام جي جذبن سان نہ کيڏيو وڃي. جڏهن تہ تعليم روزگار امن امان پاڻي ۽ ٻين بنيادي مسئلن ڏانهن ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر حق نواز ٽالپر چيو تہ آئين ۾ واضح طور لکيل آهي تہ هي ملڪ ڪهڙي حساب سان هلندو. وفاق جو بنياد ئي بدنيتي تي رکيو ويو هو شروع کان ئي نظام اهڙو رکيو ويو جيڪو هلندو ئي نہ. جيڪو شخص چوي ٿو تہ هر صورت ۾ صوبا ٺهندا، اها ان جي شڪست آهي. ان شڪست جو سنڌ اسيمبلي آئينو ڏيکاري ڇڏيو آهي اسان لاءِ اجرڪ موت ۽ زندگي آهي. ڪراچي کي الڳ ڪرڻ وارن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ صرف بہ ڪلاڪ لڳندا واپس ڪرڻ ۾. اوهان جي بقا سنڌ سان

جڙڻ ۾ آهي. اوهان استعمال ٿي رهيا آهيو ڪجهہ بہ نہ آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري فريده مگريو چيو تہ غير ذميواراڻي ڳالهہ نہ ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي جڏهن ڪو شخص ڪنهن اهم عهدي تي هجي ۽ رياست يا ڪنهن اداري جي نمائندگي ڪري رهيو هجي. اهڙي حيثيت ۾ اهڙن بيانن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، جيڪي ماڻهن جي جذبن سان کيڏڻ جو سبب بڻجن. مسئلن جو حل صرف ان صورت ۾ ممڪن آهي، جڏهن اصل مسئلن تي ڌيان ڏنو وڃي. مسئلو تعليم جو هجي، روزگار جو امن امان جو، عورتن سان لاڳاپيل مسئلا هجن يا جبري گمشدگين جا معاملا انهن سڀني جو حل سنجيده توجهہ سان ئي ممڪن آهي. ورهاڱي سان نہ سنڌ جي جاگرافي، تاريخ ۽ روايتون شاهد آهن تہ سنڌ هميشہ محبت ۽ امن جو درس ڏنو آهي. سنڌ سدائين ماءُ جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ هتي ايندڙ ۽ آباد ٿيندڙ هر ماڻهو کي محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويو آهي. تاريخ شاهد آهي تہ جڏهن بہ معاشري ۾ ناانصافي يا اصولن جي خلاف ڪا ڳالهہ ٿي آهي، وڪيلن بنا ڪنهن ذاتي مفاد جي اڳيان وڌي جدوجهد ڪئي آهي. قانون جي بالادستي ۽ عدالتن جي آزادي جي معاملن ۾ وڪيل هميشہ صفِ اول ۾ بيٺا آهن اڄ جيڪڏهن سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي تہ اسان واضح موقف رکون ٿا تہ ڪنهن بہ صورت ۾ سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهہ قبول ناهي. سنڌ هڪ هئي هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي. اسان وڪيل بہ هڪ آهيون ۽ سنڌ جي بارن ۾ بہ هن معاملي تي ڪنهن قسم جي تفريق ناهي. جيڪڏهن خدا نہ ڪري سنڌ جي ورهاڱي واري ڳالهہ اڳتي وڌي تہ وڪيل ڪنهن بہ جدوجهد کان پوئتي نہ هٽندا. اسان جو مقصد معاشري ۾ انصاف جي فراهمي ۽ عوام جي حقن جو تحفظ آهي. سنڌ هڪ هئي، هڪ آهي ۽ هڪ ئي رهندي. بهتر اهو ئي آهي تہ اهڙن غير ذميواراڻن بيانن کان پاسو ڪيو وڃي، جن سان معاشري ۾ انتشار پيدا ٿئي. اڄ سخت گرمي ۽ ٿڪڻ سج ۾ سنڌ جي مختلف بارن مان آيل نمائندا ۽ بار جا معزز ميمبر هتي موجود آهن. انهن جو هتي اچڻ ڪنهن ذاتي مقصد لاءِ ناهي، پر سنڌ جي ورهاڱي بابت پنهنجو واضح موقف پيش ڪرڻ لاءِ آهي. اسان کي پنهنجي سنڌ جي ڌرتي سان بي پناهہ محبت آهي ۽ سنڌ جي جاگرافيائي حدن ۽ وحدت جو بہ احترام آهي. سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪا بہ ڳالهہ نہ اڳ قبول هئي، نہ اڄ قبول آهي ۽ نہ ئي مستقبل ۾ قبول ٿيندي. ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي انهن نمائندن جا ٿورا مڃيان ٿي، جن سنڌ جي وحدت ۽ حقن جي تحفظ لاءِ هي آواز بلند ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. بدين بار جي اڳواڻ امير آزاد چيو تہ هڪڙا ماڻهو زمين کي صرف زمين جو ٽڪرو سمجهن ٿا ۽ هڪڙا اهي آهن جيڪي ڌرتي کي ماءُ سمجهن ٿا. سنڌ آصف زرداري ۽ سندس سائين لاءِ شايد صرف زمين هجي، پر اسان لاءِ هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ وطن آهي. هنن کي ڪوسٽل بيلٽ گهرجي، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. چون ٿا تہ سسٽم ويهجي ويو آهي. سسٽم بہ پاڻ هلايو ۽ ناڪام وري پاڻ ئي چئو ٿا تہ سسٽم ويهجي ويو آهي. انهن ماڻهن جون نظرون سنڌ جي وسيلن تي آهن. سسٽم کي ٺيڪ ڪرڻو آهي تہ ماڻهن کي ووٽ ڏيڻ جو حق ڏيو، شفاف چونڊون ڪرايو ۽ اسان جي جذبن ۽ احساسن سان نہ کيڏو. نہ سسٽم واقعي ويهي ويندو پوءِ اوهين سنڀالي بہ نہ سگهندا. وفاقي حڪومت سي سي آءِ جي فيصلي تي عمل نہ ڪيو ۽ اڄ بہ پاڻي چوري ٿي رهيو آهي. ڪينالن جو ڪم بہ هلي رهيو آهي. ڏنڊن جي زور تي قومن جي تاريخن کي ختم نٿو ڪري سگهجي.

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهہ

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 36 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي. اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر/ ليگل سروس ريجن آفيس لاڙڪاڻو محبوب ولد محمد منير شيخ ذريعي ....مدعي

خلاف

معين اختر ولد معشوق علي ، بالغ ، مسلم ، ڪاروبار مٺائي ناهڻ ، واقع جمعہ ڳوٺ، نزد ڊالينس فيڪٽري ، هالي روڊ ، حيدرآباد...................مدعا عليہ

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعا عليہ

جيئن تہ، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 1,813,300 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 26,09,2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ،08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم.............

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

مهر عدالت BY ORDER

PID K.912/26

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 6th حيدرآباد

ايف سي سوٽ نمبر 413 سال 2026

ميسرز معصر ڪنسٽرڪشن ڪمپني معرفت مجاز آفيسر سيد علي غلام ولد سيد سيد معظم علي شاهہ آفيس نمبر B-13 الرحمان ايڪسٽيشن سامهون ماروي لان واڙو واهہ قاسم آباد حيدرآباد.پلينٽف..بخلاف.. (1) چيف سيڪريٽري سنڌ ڪراچي (2) سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ ڪراچي (3) چيف انجنيئر هائي وي حيدرآباد (4) ايگزيڪيوٽو پراونشل ڪوسٽل هائي وي ڊويزن حيدرآباد ايٽ شهباز بلڊنگ حيدرآباد (5) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري آف اماؤنٽ، سيڪيورٽي ڊپازٽ انفليشن ريٽ، ڊيمجز اينڊ ميسني پرافٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 6th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد

فيملي سوٽ نمبر 953 سال 2026

مسمات شائستہ لغاري.پلينٽف..بخلاف.. انور لغاري ولد گلشير لغاري عرف عبدالخالق لغاري رهندڙ ڳوٺ بخش علي لغاري تعلقو ماتلي ضلعو بدين. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ايف سي سوٽ نمبر 78 سال 2026

(1) شريمتي سعيده زال درهم داس (2) شريمتي درويتي ڌيءُ درهم داس زال مولچند باگڙي (3) وزير باگڙي ولد درهم داس رهندڙ محلہ حاجي احمد ميمڻ ڪالوني ٽنڊو الهيار ..پلينٽف..بخلاف.. (1) منسٽر انٽريئر حڪومت پاڪستان اسلام آباد (2) چيئرمين نادرا اسلام آباد (3) اسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار. ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

گارڊين سوٽ نمبر 23 سال 2026

اختر علي ولد آچر خان مري رهندڙ ڳوٺ قربان علي مري ديهہ 08 نصرت تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد ..ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) مسمات صغرا خاتون بيواهہ آچر خان (2) مسمات صفيہ (3) مسمات گلناز (4) مسمات نسيم سڀ ڌيئرون آچر خان (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

.مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن تہ مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت دادخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجہ صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

عام اطلاع

جيئن تہ آئون پنهنجي فرم ميسرز ڏني بخش اينڊ سنز رجسٽريشن نمبر C5-30969 جيڪا پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ رجسٽرڊ آهي مان پنهنجي آفيس جي ايڊريس تبديل ڪري رهيو آهيان. جيڪا هن ريٽ هوندي بروهي چوڪ مسلم ٽائون ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو بلاڪ ڊي گهر نمبر 37-209 ۽ اين ٽي اين (ايف بي آر) رڪارڊ ۾ تبديل ڪرائي ڇڏي آهي اگر ڪنهن کي ڪوبہ اعتراض هجي تہ مون سان رابطو ڪري

ڏني بخش بليدي ولد حضور بخش شناختي ڪارڊ نمبر 4130472527557

عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهہ ٿو ڪجي تہ سال 2023 ۾ مون هڪ ايگريمينٽ وڏيرو اشتياق شورو ولد حسين شورو ويٺل جهنگڙي تعلقو ضلعو ٺٽو سان زمين ٽوٽل 145 ايڪڙ ۽ 165 ايڪڙ جنهن جو ڪيس نمبر 184/2023 ۽ ڪيس نمبر 185/2023 سول ڪورٽ ڄامشورو متعلق ڪيو هو جو ان ايگريمينٽ تحت اشتياق شورو پنهنجي ڪيل معاهدي تحت پورو نہ هلي سگهيو جو اها ايگريمينٽ جنهن جي اسان کي ڪاپي بہ اشتياق شورو نہ ڏني آهي نہ ئي اسان وٽ موجود آهي اسان ٻئي ڌريون هڪ ٻئي جا مالڪ آهيون جو مون پروسو ڪيو ۽ منهنجا تمام ڪاغذات بہ وڏيرو اشتياق شورو وٽ موجود آهن جو هاڻ مون کي خبر پئي آهي تہ اشتياق شورو مخالفن سان گڏجي ويو آهي ۽ منهنجي وڪيل کي ڪم ڪرڻ کان روڪيو ويو جو مون اهو وڪيل بہ تبديل ڪيو آهي جو هن بيان تحت واضح طور چوان ٿو تہ منهنجي ۽ اشتياق شورو جي ڪيل ايگريمينٽ جيڪا آئون ختم ڪيان ٿو ۽ اها ايگريمينٽ هن وقت رد ۽ خارج سمجهي وڃي جيڪڏهن اشتياق شورو منهنجي ايگريمينٽ کي استعمال ڪندو تہ ان کي بہ ڪوڙو سمجهيو ويندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن ڪم اچي سگهي

ڪراچي بار ۾ سنڌ لائرز ڪانفرنس، وڪيلن خلاف ورهاڱي وڪيلن پارٽين جو ٽرن جو ڪورٽ مارچ جو اعلان

ورهاڱي جون ڳالهيون صوبن جي وسيلن تي نظر رکڻ برابر آهن، سنڌ جي ورهاست برداشت نه ڪنداسين: اڳواڻ

سنڌ جي مختلف بار ايسوسيئيشنن کي گڏ ڪري گورنر هائوس تائين لانگ مارچ ڪيو ويندو

رڳو ڪنوينشن ۽ تقريرن بدران عملي لائحه عمل جو اعلان ڪنداسين، مرحليوار پروگرام جوڙيا ويندا

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سڄي سنڌ جي وڪيل برادري بار ايسوسيئيشنن ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن سنڌ جي ورهاڱي جي سازشن کي ملڪ جي سلامتي خلاف سازش سڏيندي ان خلاف ٽرن جي شروعاتي مرحلي 23 ۽ 24 تاريخ تي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آهي. ...

وڪيلن کي گڏ ڪندي مارچ ڪي اڳتي وڌايو ويندو ۽ آخرڪار ڪراچي ۾ گورنر هائوس تائين پهچڻ جو پروگرام ڏنو ويندو. ...

جيئن ته اهي اوهان اسٽمال تي رهيا آهيو هيو ڪجهه به نه آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري فريد مگريو چيو ته غير ذميواراڻي ڳالهه نه ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي جڏهن ڪو شخص ڪنهن اهم عهدي تي هجي ۽ رياست يا ڪنهن اداري جي نمائندگي ڪري رهيو هجي. ...

جا ڇاپڙ زوردار ڌماڪي سان هيٺ ڪري پيا جنهن سبب ٻه وڪيل رياض علي شاهه ۽ فرزند علي ميتلو زخمي ٿي پيا زخمي وڪيلن کي بار ۾ موجود ماڻهن فوري طور اسپتال منتقل ڪيو جتي ڪين طبي امداد فراهم ڪئي وئي واقعي ڪانيءَ بار ۾ موجود وڪيل ۽ ٻيا ماڻهو عمارت مان ٻاهر نڪري آيا جڏهن ته ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ واري واقعي سبب بار ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو وڪيلن جو چوڻ هو ته ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي عمارت جي ڇت سميت ٻين حصن جي حالت به ڪمزور آهي تنهن ڪري عمارت جو فوري طور فني معائنو ڪرائي خطرناڪ حصن جي مرمت ڪرائي وڃي جيئن مستقبل ۾ ڪنهن وڏي حادثي کان بچي سگهجي واضح رهي ته واقعو ان وقت پيش آيو

بقايا 35 روزاني عبرت

ٽڙ ۾ برسات جي وسڪاري دوران ڪنوڻ ڪرڻ سبب پورهيت ڪريم ڏنو راڄڙ جون 15 ٻڪريون مري ويون ڳوٺاڻن موجب ٻڪريون گهرن پرسان وڻ هيٺ ويٺيون هيون ته اوچتو ڪنوڻ ڪري پئي جنهن سبب 15 ٻڪريون سڀ جو سڀ مري ويون

۾ مکي ماءِ حوالي ڪيو ويو جنازي نماز ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي ڪامريڊ وجودعلي شر ڪامريڊ ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي ڪامريڊ سارنگ چام ساقي ڪامريڊ محبوب جتوئي صحافي خادم حسين پنهور سميت سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪارڪنن سميت صحافين سياسي سماجي ادبي حلقن سميت مٽن مائٽن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي صحافي پورهيت اڳواڻ عبداش پنهور جي مڙهه کي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو سنڌ هاري ڪاميٽي جي صدر ڪامريڊ ثمرحيدرجتوئي جي اڳواڻي ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڪارڪنن طرفان ڪامريڊ عبداش پنهور کي سنڌ هاري ڪاميٽي جي ڳاڙهي جهنڊي سان سلامي ڏني وئي سنڌ جي سينئر صحافي ۽ اڳوڻي شاگرد اڳواڻ ۽ ڪامريڊ سخي محمد رمضان خاصخيلي يادگار ڪاميٽي جي چيئرمين ڪامريڊ سخي غلام حسين خاصخيلي مرحوم عبداش پنهور جي ڪيل پورهيت هاري مزدور جدوجهد ۽ صحافتي خدمتن تي کيس سرخ سلام پيش ڪندي چيو ته عبداش پنهور اعليٰ ماڻڪ شخص هو سنڌس وچوڙو ڏکائيندڙ آهي سنڌس ڪيل خدمتن

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 36 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ-14 ۾ واقع آهي. اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر/ ليگل سروس ريجن آفيس لاڙڪاڻو محبوب ولد محمد منير شيخ ذريعي .... مدعي

خلاف

معين اختر ولد معشوق علي ، بالغ ، مسلم ، ڪاروبار مٺائي ناهڻ ، واقع جمعه ڳوٺ، نزد ڊالينس فيڪٽري ، هالي روڊ ، حيدرآباد.................. مدعا عليه

ڏانهن،

مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن ته، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 1,813,300 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾ 26,09,2026 تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو،ته مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ،08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم..................
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

BY ORDER

PID K.912/26

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 6th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 413 سال 2026

ميسرز معصر ڪنسٽرڪشن ڪمپني معرفت مجاز آفيسر سيد علي غلام ولد سيد سيد معظم علي شاهه آفيس نمبر B-13 ازالرحمن ايڪسٽيشن سامهون ماروي لان واڍو واهه قاسم آباد حيدرآباد. پلينٽف. بخلاف. (1) چيف سيڪريٽري سنڌ ڪراچي (2) سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ ڪراچي (3) چيف انجنيئر هائي وي حيدرآباد (4) ايگزيڪيوٽو پراونشل ڪوسٽل هائي ويزن حيدرآباد ايٽ شهباز بلڊنگ حيدرآباد (5) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فارڪوري آف اماؤنٽ، سيڪيورٽي ڊپازٽ انفليشن ريٽ، ڊيمجز اينڊ ميسني پرافٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 6th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 953 سال 2026

مسمات شائسته لغاري. پلينٽف. بخلاف. انور لغاري ولد گلشير لغاري عرف عبدالخالق لغاري رهندڙ ڳوٺ بخش علي لغاري تعلقو ماتلي ضلعو بدين. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ...

چڪ ويجهو سئوٽن ۾ ڪارنهن الزام معاملي تان جهيڙو، فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ عبدالوهاب جتوئي ۾ جوابدارن غلام قادر عرف گلڻ سئوٽ دودو جتوئي کي قتل ڪري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

ڪجهه مهينا اڳ راشد جتوئي کي ڪارنهن الزام جي پلاند ۾ پاءُ کي قتل ڪيو ويو آهي: امان الله

چڪ (رپورٽ غلام رسول جتوئي) چڪ لڳ جامي قبو ويجهو ڳوٺ عبدالوهاب عرف انب قادراڻي جتوئي ۾ پنهنجي ئي رت جي رشتيدارن سئوٽن جوابدارن گولين هڻي پنهنجي سئوٽ دودو پٽ عبدالوهاب عرف انب قادراڻي جتوئي کي قتل ڪري ڇڏيو واقعي بعد جوابدار فرار ٿي ويا. اهڙي اطلاع تي ٿاڻي جي حد رستم پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مقتول نوجوان جو لاش ڪٺائي لکي غلام شاهه اسپتال منتقل ڪيو جتان پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

چڪ: قتل ٿي ويل شخص جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

ڪوٽ غلام محمد ۾ ٽيون ساليانو ختم نبوت ﷺ جلسو عالمن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت

عالمن پاران عقيده ختم نبوت ﷺ جي اهميت، سيرت طيبه ﷺ ۽ اسلامي تعليمات تي روشني

نوجوان نسل جي ديني ۽ اخلاقي تربيت، امن پائيچاري ۽ اخوت کي هٿي ڏيڻ تي زور

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڪوٽ غلام محمد ۾ ٽيون ساليانو ختم نبوت ﷺ جلسو عالمن ۽ شهرين جي وڏي شرڪت ڪوٽ غلام محمد ۾ گذريل ڏينهن ٽيون ساليانو ختم نبوت ﷺ جلسو مذهبي عقيدت احترام ۽ جوش جذبي سان منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف مڪاتب فڪر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: گهرن کي لڳل باهه جو ڏيک

خيرپور جي واپاري جي پٽ کان هٿياربند روڪ رقم، اڄ فون ۽ سامان ڦري ويا

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد نويد ڪالوني ۾ ڪن هٿياربندن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ ۾ ٻن جريب زمين تان پٽ هٿان والد قتل، جوابدار گرفتار

ايس ايس پي جي نوٽيس بعد بي سيڪشن پوليس ڪارروائي ڪري عبدالعلي ٻنگوار کي گرفتار ڪيو

جوابدار والد محمد حيات ٻنگوار کي ٽي ٽي پسٽل جون گوليون هڻي قتل ڪرڻ جو اعتراف ڪيو آهي:پوليس

ڪنڌ ڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌ ڪوٽ ٻن جريب زمين نه ڏيڻ تي سنگدل پٽ پنهنجي والد کي قتل ڪري واري واقعي جو ايس ايس پي محمد مراد گهانگهرو نوٽيس وٺڻ بعد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: فوت شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

ڪنڌڪوٽ لڳ سبزوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪيو، هڪ ڄڻو قتل

ڳوٺ مختيار خان سهرياڻي ۾ اوطاق تي ويٺل ثناءُ الله هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪشمور اسپتال منتقل ڪيو، پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي

ڪيس داخل نه ڪيو خلاف وارثن جو انڊس هاءِ وي بند ڪري ڌرڻو روڊ بلاڪ، پوليس خلاف نعريبازي

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ لڳ سبزوئي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻو تڪرار ٻيهر ڀڙڪي اٿيو ڳوٺ مختيار خان سهرياڻي ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ويجهو ڪارن جي ريس دوران موٽرسائيڪل سان ٽڪر بعد ڪاٽي، هڪ فوت، 4 زخمي

نوابشاهه روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ اسلم راجپوت، گووندا، دلمراد، اسد، شعيب ۽ نور محمد زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو ويو جتي اسلم راجپوت زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

مقتول جي وارثن ۽ شهرين پهچي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو، زخمي جوابدار اسپتال مان فرار

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ شهر جا رهواسي ۽ نوجوان رات دير سان نوابشاهه کان سڪرنڊ ايندي ٻن ڪارن جي ريس دوران موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ سبب موٽر سائيڪل سوار ٻه ڄڻا اسلم راجپوت ديوان نوجوان گووندا سخت زخمي ٿي پيا. جڏهن ته هٽي ڪارون تيز رفتاري سبب ڪلٽي ٿي پيون جنهن ۾ ڪار سوار دلمراد ، اسد، شعيب ، نور محمد سيال زخمي ٿي پيا.

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دادو ۾ مبينا گهرو تشدد خلاف عورت جو مڙس ۽ ساهرن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

دادو(ڊ ر) دادو شهر جي عزيزآباد ڪالوني جي رهواسي ريشمان ڪوسو ، امڙ حوراڻ ڪوسو ۽ ڀاءُ ضمير ڪوسو سان گڏ دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته خرچ گهر تي مڙس منصور ڪوسو هر روز تشدد ڪري ٿو ڪالهه گهر اندر ڪمرو بند ڪري مارڪٽ ڪري رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو جنهن بعد گهر جي ڇت

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور گمبوه جي شاخن ۾ پاڻي جي هترادو ڪوٽ ۽ وارابندي خلاف آبادگار سراپا احتجاج

مظاهرين مين ملڪاڻي جهڏو روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو، ٽريفڪ معطل

واهن ۾ ڪٽي ٻه پاڻي جي کوٽ ناهي تنهن باوجود پوڇڙ جي آبادگارن کي پاڻي نه پيو ڏنو وڃي:مظاهرين

پوکيل فصل سڪي سڙي تباهه ٿي رهيا آهن، چانگ روٽيشن کي جلد کان جلد ختم ڪيو وڃي

ٽنڊوباگو (ت ر) سب ڊويزن خيرپور گمبوه جي شاخن ۾ پاڻي جي هترادو ڪوٽ ۽ وارابندي خلاف آبادگار سراپا احتجاج بڻجي ويا. مظاهرين ٻئي ڏينهن پڻ مين ملڪاڻي جهڏو روڊ کي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو آبادگار اڳواڻن پير فياض شاهه راشدي، لطف علي ملڪاڻي، غلام نبي ملڪاڻي جي اڳواڻي ۾ مظاهرين مين ملڪاڻي جهڏو روڊ بند ڪري آبپاشي کاتي جي ڪرپٽ آفيسرن جي خلاف شديد نعريبازي ڪئي آبادگار اڳواڻن جو چوڻ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: اجتماعي شادي جي تقريب ۾ هڪ ڪنوار شريڪ آهي

ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني، 11 هزار وولٽيج بجلي جون تارون چوري

خانپور جوڻيجو فيڊر مان نامعلوم چور 3 ٿنڀن تان بجلي جون تارون ڪٽي ويا

رهواسين جو ايس ايس پي دادو کان چورن کي گرفتار ڪري سخت قانوني ڪارروائي جو مطالبو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ۾ بدامني ٻيهر پڙڪي اٿي شهري ۽ ڳوٺاڻا غير محفوظ ان سلسلي ۾ ڪڪڙ لڳ خانپور جوڻيجو فيڊر مان نامعلوم چورن ڳوٺ ڪلو ساريو ويندڙ لائين جي 3 ٿنڀن

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف بار پاران عدالتي ڪاررواين جو بائيڪاٽ

وڪيلن سيد جعفر علي شاهه ، الطاف حسين مري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ جي وسيلن تي قبضي جي ڪوشش کي اسين مڪمل طور رد ڪريون ٿا: مظاهرين

خيرپور(ڊ ر) سنڌ جي امڪاني ورهاڱي ، سنڌ دشمن ڪئنالن . 26هين ۽ 27 ترميم خلاف سنڌ بار ڪائونسل جي مرڪزي سڏ تي خيرپور ۾ عدالتي ڪاررواين جو مڪمل بائيڪاٽ حاضري تي ايل ماڻهن کي نيون تاريخون ڏئي رايس روانو ڪيو ويو عدالتي ڪاررواين جي بائيڪاٽ بعد خيرپور جي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سکر سيپڪو پاران بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف آپريشن، ڪيترائي ڪنيڪشن ڪاٽا

ايگزيڪيوٽو انجنيئر خليل احمد چانڊيو جي نگراني ۾ مختلف علائقن ۾ آپريشن ڪيو

ڪيترائي غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽي چوري ۾ استعمال ٿيندڙ تارون ضبط ڪيون ويون

سکر (بيورو رپورٽ) سيپڪو بجلي چوري کي روڪڻ ۽ نادهندگان کان واجبات جي وصولي لاءِ پنهنجون ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن ايگزيڪيوٽو انجنيئر سکر سٽي خليل احمد چانڊيو ۽ ايس ڊي او عزيز پٺاڻ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

راضيديرو: ڳوٺاڻن جي ڪچهري ۾ اڳواڻ ڳالهائي رهيو آهي

خيرپور ليڊي ولنگڊن اسپتال ۾ مبينا غلط آپريشن سبب ناري جي خراب، وارثن جو احتجاج

اسپتال ۾ ڊاڪٽرياڻين جي غلط آپريشن سبب ناري شهنيلا جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي: وارث

ڪيس ڪٺائي گمس اسپتال وياسين پر انهن اڳ آپريشن ٿيل هجڻ ڪري زميواري کڻڻ کان انڪار ڪيو

واپس ليڊي ولنگڊن اسپتال آيا سين ته انتظاميا داخل ڪرڻ انڪار ڪيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور جي عورتن واري سرڪاري ليڊي ولنگڊن اسپتال ۾ مبينا غلط آپريشن سبب ناري شهنيلا جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي متاثر نينگري شهنيلا جي وارثن جو چوڻ آهي ته آپريشن کان پوءِ ناري جي طبيعت خراب ٿي وئي ته اسپتال جي عملي ڪين گمبٽ اسپتال ريفر ڪرڻ لاءِ چيو وارث موجب هو ناري کي ٽڪرو گمبٽ انسٽيٽيوٽ کڻي ويا، پر اتي موجود ڊاڪٽرن مبينا طور تي اهو چئي علاج ڪرڻ کان

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪيرو پرسان چوئنري تي ڪنوڻ ڪرڻ سبب نوجوان فوت، ٽي ٻڪريون سڙي زخمي

ڳوٺ سومراهو ۾ برسات دوران وڄ ڪرڻ سبب مير محمد ولد سومار گجو موقعي تي فوت ٿي ويو

ڪيرو (ن ع) اڄوڪو ڙ جي ڳوٺ سومراهو تڙ ۾ برسات دوران چوئنري تي ڪنوڻ ڪري پٽي جنهن جي نتيجي ۾ 4 ٻارن جو پيءُ ميرمحمد ولد سومار گجو موقعي تي فوت ٿي ويو فوتي جي گهر ۾ قهرام مچي ويو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور بار جي عمارت جي ڇت جا چاپڙ ڪرڻ سبب ٻه وڪيل زخمي

زخمي وڪيل رياض علي شاهه ۽ فرزند علي ميتلو کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو

عمارت جو فوري طور ٿي معائنو ڪرائي خطرناڪ حصن جي مرمت ڪرائي وڃي: بار اڳواڻ

خيرپور(ڊ ر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن خيرپور جي عمارت ۾ اوچتو ڇت جا چاپڙ زوردار ڌماڪي سان ڪري پيا، جنهن جي نتيجي ۾ بار ۾ موجود ٻن وڪيلن جي زخمي ٿيڻ بعد وڪيلن ۾ پاڄ پئجي وئي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ پرسان ڪنوڻ ڪرڻ سبب 15 ٻڪريون مري ويون

ڳوٺ ولي جو تڙ ۾ پورهيت ڪريم ڏنو راڄڙ جون 15 ٻڪريون سڙي ويون

اسلام ڪوٽ(ن ع) گذريل ڏينهن اسلام ڪوٽ جي ڀرپاسي ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات جو وسڪارو ٿيو ڳوٺ ولي جو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: آرٽس ڪائونسل ۾ ڊرامو پيش ڪيو پيو وڃي

مورو ويجهو وين جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، پيءُ معصوم پٽ سميت زخمي

قومي شاهراهه تي حادثي ۾ وسيم سولنگي ۽ سندس معصوم پٽ سخت زخمي ٿي پيا

اطلاع تي پوليس پهچي وين تحويل ۾ وٺي زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو

مورو(ن ع) مورو ويجهو قومي شاهراهه تي مسافر وين جو موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر پيءُ معصوم پٽ سميت سخت زخمي مورو شهر جي وارڊ نمبر 2 جو رهواسي وسيم سولنگي ۽ سندس معصوم

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اڳوڻي صوبائي وزير حاجي حسن علي چانڊيو جي اغوا ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي

پوليس جوابدار مظفر زرداري کي ٺٽي مان گرفتار ڪيو آهي پر ظاهر نه ڪيو: ذريعا

ڪيرو(ن ع)اڳوڻي صوبائي وزير ۽ مشهور زميندار حاجي حسن علي چانڊيو جي اغوا ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار مظفر ولد

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ميهڙ ۾ خانگي ليبارٽري جي واش روم مان پورهيت نوجوان جو لاش هٿ

ڳوٺ ٻنڊو واسي علي مرتضيٰ ڪوسو مزدوري دوران واش روم ويو، دير ٿيڻ تي لاش مليو

وارثن جو دشمني کان انڪار، دل جو دورو پوڻ سبب موت جو خدشو ظاهر

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ ڳوٺ ٻنڊو جي رهواسي پورهيت نوجوان علي مرتضيٰ ڪوسو جو لاش خانگي ليبارٽري جي واش روم مان پراسرار حالت ۾ هٿ آيو اطلاع ملڻ تي ميهڙ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي تعلقي اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو فوتي نوجوان جي سئوٽ عبدالمجيد

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پاڻي جي کوٽ سبب ماڻهو هڪ نلڪي تان پاڻي ڀري رهيا آهن

پاڪستان ۽ جاپان جا لاڳاپا انتهائي سٺا ۽ دوستاڻا آهن: نفيسه شاهه جيلاني

جي جي پي جي تعاون سان پوئتي پيل علائقن ۾ تعليم کي سڌاري لاءِ پراجيڪٽ شروع ڪيا آهن

پاڪستان ۽ جاپان جا لاڳاپا دوستاڻا آهن ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ مضبوط ڪيو ويندو

گمبٽ (رپورٽ : مريد ڪاتوري) گمبٽ پرسان ڊرب ميهر شاهه جيلاني هائوس ۾ جاپان جي وفد ڪائونسل جنرل آف جاپان

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي ورهاڱي ڪي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين: ڊاڪٽر مهرين ڀٽو

پيپلز پارٽي جو موقف سنڌ جي وحدت بابت واضح ۽ چٽو آهي

هنگورجا (رپورٽ : آفتاب پنهور)پاڪستان پيپلز پارٽي خيرپور ميرس جي ايم اين اي ۽ پ پ پ ليڊيز ونگ سنڌ جي صوبائي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر مهرين ڀٽو چيو آهي ته سنڌ جي ورهاڱي کي ڪنهن به

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڏڪڙي پرسان جمشيد لغاري تي مبينا قاتلاڻي حملي جو رخ تبديل

شروعاتي طور مڙس جي ڀائرن تي لڳايل الزام جاچ دوران نوان رخ سامهون آيا:پوليس

جمشيد لغاري کي تحويل ۾ وٺي جاچ، ٻن مبينا جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپن جو سلسلو جاري

ڏڪڙي(ن ع) ڏڪڙي پرسان ديهه 174 جي ڳوٺ اسماعيل شاهه ۾ هڪ شخص تي تيز ڌار اوزار سان مبينا قاتلاڻي حملي واري

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

هنگورجا ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

سبزي جي دڪان ڪوليندي 16 ورهين جو نوجوان اسد نظاماڻي ڪرنٽ لڳڻ سبب بيهوش ٿي ويو

نوجوان کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن جي ڪوشش جي باوجود هو فوت ٿي ويو

هنگورجا (ن.ع) هنگورجا ۾ سيٺ نجم الدين وڏيٽوڪو جي سبزي جي دوڪان تي افسوس ناڪ واقعو پيش آيو جتي تي دوڪان جو شٽر کوليندي بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب 16 ورهين جو نوجوان اسد علي پٽ ممتاز نظاماڻي بيهوش ٿي ويو ۽ نوجوان کي انتهائي نازڪ حالت ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿيل ويل نوجوان جو لاس پيل آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ عورت جو تشدد ڪندڙ مڙس خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ پ پ ضلعي سانگهڙ پاران شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي 30 هين ورسي تقريب

تقريب ۾ علي حسن هنگورجو، جهانگير جوڻيجو، عمران ڏامراهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي

شهيد مرتضيٰ ڀٽو جي جمهوري جدوجهد ۽ قربانين کي وساري نٿو سگهجي: پ پ اڳواڻ

ٽنڊوآدم (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي سانگهڙ جي صدر علي حسن هنگورجو، جنرل سيڪريٽري جهانگير جوڻيجو ۽ اطلاعات سيڪريٽري عمران ڏامراهه شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 30هين ورسي جي موقعي تي ڪيس پيتا پيش ڪندي چيو آهي ته مير مرتضيٰ ڀٽو جي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي 93هين سالگرهه جي تقريب

تقريب ۾ ڊاڪٽر نفيسه شاهه، سيد اسد علي شاهه، مظهر مگنهار ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سيد قائم علي شاهه جي سياست جو محور هميشه عوام جي خدمت رهيو آهي: نفيسه

خيرپور(ڊ ر) پيپلزپارٽي جي سينيئر سياستدان ۽ سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جي 93هين سالگرهه جي تقريب نجي شادي هال ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ پيپلزپارٽي جي ايم اين اي ڊاڪٽر نفيسه شاهه، اڳوڻي صوبائي وزير سيد اسد علي شاهه، اڳوڻي پوليٽيڪل سيڪريٽري

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ عورت کان پرس ڦرڻ جو ايس ايس پي جي نوٽيس بعد جوبدار گرفتار

سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل ويڊيو تي نوٽيس وٺندي جوبدار کي گرفتار جو حڪم ڪيو

پوليس الزام هيٺ قاصر پٽ غلام قاسم جويو کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

گمبٽ (ت.ر) گمبٽ ۾ عورت کان پرس ڦرڻ واري واقعي جو ايس ايس پي خيرپور ميرس جي نوٽيس بعد جوبدار گرفتار سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيل ويڊيو جو ايس ايس پي خيرپور ميرس امير سعود مگسي سختي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: عورت کان پرس کسڻ وارو جوبدار لاڪپ ۾ بند آهي

صحافي عبداش پنهور جو مڙهه اباڻي ڳوٺ دوڙ ۾ مٽي ماءُ حوالي، سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽ)ناميار صحافي هاري پورهيت ۽شاگرد اڳواڻ عبداش پنهور جي مڙهه کي مٽي ماءُ حوالي ڪيوويو سنڌهاري ڪاميٽي پاران 3ڏينهن سوڳ جواعلان ڪيوويو جنازي نماز ۾ سنڌهاري

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ملتان: هارياڻيون فصل لوڙهي رهيون آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ پسند جي شادي جو معاملو، 20 ورهين جو نوجوان فائرنگ ۾ قتل

پي ايس او پمپ وٽ موٽرسائيڪلن سوار هٿياربندن جي فائرنگ اظهر ڪوسو مارجي ويو

مقتول جي مامي جو پسند جي شادي واري معاملي تان قتل جو الزام، جوابدارن کي سڃاڻڻ جي دعويٰ

پوليس پاران مختلف رخن کان جاچ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري، واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان شهر جي ماتلي روڊ تي لڳ پي ايس او پمپ وٽ نامعلوم هٿياربندن جي مبينا فائرنگ ۾ 20 ورهين جو نوجوان اظهر ڪوسو موقعي تي مارجي ويو جڏهن ته ساٿس گڏ سندس

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: پسند جي شادي ڪندڙ نوجوان جو لاش پيل آهي

گمبٽ واسي پورهيت نئون آباد ۾ پراسرار طور فوت، وارثن پاران قتل جو الزام

ڪڪڙين جي فارم تان 35 ورهين جي مراد پٽ امير خاصخيلي جو لاش هٿ آيو

اطلاع تي پوليس لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيو، وارثن پاران قتل جو الزام، انصاف جو مطالبو

گمبٽ (ت.ر) نئون آباد ۾ ڪڪڙين جي فارم تي ڪم ڪندڙ پورهيت نوجوان پراسرار طور فوت وارثن پاران قتل جو شڪ اسپتال منتقل رپورٽ موجب نئون آباد ۾ ڪڪڙين جي فارم تي ڪم ڪندڙ ڳوٺ ابراهيم خاصخيلي واسي 35 ورهين جو نوجوان مراد پٽ امير خاصخيلي پراسرار طور

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

گولاڙچي ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ ايس ٽي پي جي بک هڙتالي ڪيمپ قائم

گولاڙچي (ت ر) تعلقه اسپتال گولاڙچي ۾ صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ، بدين ۾ دل جي اسپتال قائم ڪرڻ ۽ منشيات جي خاتمي سميت مختلف مطالبن جي مڃتا لاءِ سنڌ ترقي پسند پارٽي (ايس ٽي پي) جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران گولاڙچي ۾ بک هڙتالي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪوئلي جي کاڻن جي مالڪن جو سيلز ٽئڪس قانون تي عملدرآمد ۽ ڊجيٽل انوائسنگ يقيني بڻائڻ تي اتفاق

آر ٽي او حيدرآباد ۽ آل پاڪستان مائين اونرز ايسوسيئيشن وچ ۾ اجلاس دوران ٽئڪس ادائيگي بابت اتفاق ڪيو ويو

مقامي ڪوئلي تي 700 رپيا في ميٽرڪ ٽن يا 18 سيڪڙو ايڊ ويلورم، جيڪو وڌيڪ هجي، ان حساب سان سيلز ٽئڪس لاڳو ٿيڻ جي وضاحت

مائين اونرز کي ايف بي آر سان ڊجيٽل انوائسنگ نظام جو انضمام ۽ اڻ رجسٽرڊ ادارن جي رجسٽريشن مڪمل ڪرڻ جي هدايت

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) چيف ڪمشنر انلينڊ ريوينيو ريجنل ٽئڪس آفيس (RTOحيدرآباد) جناب سجاد اڪبر خان ۽ آل پاڪستان مائين اونرز ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري جناب ثاقب الرحمان وچ ۾ ٿيل اجلاسن جي سلسلي ۾ آل پاڪستان مائين اونرز ايسوسيئيشن جي ميمبرن سيلز ٽئڪس ايڪٽ 1990ع جي ۽ دفعن تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻائڻ تي اتفاق ڪيو آهي ان سلسلي ۾ مقامي طور تيار ٿيل ڪوئلي تي لاڳو قانون موجب

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ شهيد اهلڪار اڪرم چاچڙ جي سرڪاري اعزاز سان تدفين

جنازي نماز ۾ پوليس، رينجرز جي آفيسرن ۽ جوانن سميت علائقي واسين شرڪت ڪئي

محمد اڪرم چاچڙ بهادر ۽ فرض شناس جوان هو، سندس شهادت تي فخر آهي: ايس ايس پي

گهوٽڪي(ن ع) گذريل رات سکر جي اباد ٿاڻي جي حد ۾ ڌوهارين سان پوليس مقابلي دوران شهيد ٿيل عادليور پرسان ڳوٺ دڙي چاچڙ واسي پوليس اهلڪار محمد اڪرم چاچڙ جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ دڙي چاچڙ ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پوليس، رينجرز جي آفيسرن ۽

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: فوتي شخص جو لاش ايمبولينس ۾ پيل آهي

ڪراچي ۾ وحدت سنڌ ريلي، نئون صوبو يا انتظامي يونٽ ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين: زين شاهه

وسيلن، زمين ۽ ڊيلٽا تي قبضن خلاف جدوجهد جاري رکنداسين، سمورين برادرين کي گڏ ٿيڻ گهرجي

ناجائز چونڊن وسيلي وسيلن تي قبضو ڪيو پيو وڃي، نااهل حڪمرانن کان نجات چاهيون ٿا

ايس يو پي طرفان27 سيپٽمبر تي دريائن جو عالمي ڏينهن "سنڌ سان وچن جي ڏينهن" طور ملهائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي اهتمام هيٺ ماروڙا ڳوٺ کان سچل ڳوٺ جي ٽي-3 آخري اسٽاپ ڪراچي تائين وحدت سنڌ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ سنڌ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

نوجوانن کي رانديون جون سهولتون فراهم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي: منور مهيسر

ٺري ميرواهه(ن ع) تعليمي ماهر استاد صوفي قربان علي خاصخيلي جي ياد ۾ منعقد ڪرايل نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٺري ميرواهه: نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جي تقريب ۾ رهواسي شريڪ آهن

سڪرنڊ ۾ سعيد آباد واسي نوجوان جو ساهرن ۽ ٻاهرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سڪرنڊ(ن ع)پان سعيد اباد ضلع دادو جي ڳوٺ سائين حسن شاهه جي رهواسي منير ولد غلام مصطفيٰ خاصخيلي سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي دانهيو آهي ته هن چار مهينا اڳ نوابشاهه سيشن ڪورٽ ۾ سميرا روڏراڻي ولد محمد ادريس سان سندس مرضي موجب نڪاح ڪيو هو جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اڳ سيد

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

THE SHAIKH AYAZ UNIVERSITY SHIKARPUR
REVIVAL OF EDUCATIONAL GLORY OF SHIKARPUR

ADMISSIONS 2027

BS-Programs
1st Year &
3rd Year (5th Semester)

- Bachelor of Business Administration
- Bachelor of Education (Hons.)
- BS-Commerce
- BS-Computer Science
- BS-Information Technology
- BS-English Language & Literature
- BS-Mathematics

Salient Features
Scholarships available

1 Vice Chancellor Merit-based Scholarship
2 Sindh Education Endowment Fund Scholarship
3 Pakistan Bait-ul-Maal Scholarship
4 Memon Scholarship
5 Prime Minister's Laptop Scheme

CAMPUS FACILITIES
1 Modern Campus equiped with Multi Media
2 Fast Wi-Fi Service
3 Fully Equiped Computer Labs
4 Smart Classrooms in each Department
5 Central, Seminar, Digital Library
6 Safe & Secure Transport Facility

Eligibility Criteria

(a) For applying in BS-Program 1st Year (1st semester) candidates must have completed their Intermediate examinations in year (2023-2026) with 50% marks in the relevant discipline will be eligible.

(b) For applying in BS-Program 3rd Year (5th semester) candidates must have completed their Associate Degree (AD) in year (2022-2025) in the relevant discipline will be eligible.

(c) For detailed eligibility criteria of all degree programs offered, admission rules and regulations, please download the prospectus from www.saus.edu.pk.

How to Apply

Applicants are required to register and submit their applications online through the University Admission Portal https://admissions.saus.edu.pk

After submitting the application:
- Print the prescribed fee challan
- Deposit the required fee at the nearest UBL branch
- Upload the duly paid challan through the Admission Portal

NOTE:
For assistance and guidance regarding the admission process, applicants may visit the Admission Facilitation Center established at the Admin Block, Shaikh Ayaz University, Shikarpur during office hours

Important Dates

Last Date to Apply:	Oct: 10, 2026
Admission Test:	Nov: 07, 2026
Result Announcement	Nov: 09, 2026
First Merit List:	Nov: 11, 2026
Commencement of Classes:	Jan: 04, 2027

Scan to Apply

FOR CONTACT & QUERIES:
Rafique Ahmed Khoso
Registrar, TSAU, Shikarpur.
0726-512048

Hamadullah Qureshi
Incharge Admission Cell
0342-3588854

Email: admissions@saus.edu.pk
0336-2424288 / 0726-920367

Website: www.saus.edu.pk

UNIVERSITY ADDRESS:
The Shaikh Ayaz University, Sukkur Road Shikarpur

Pid (H) 80/26

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ ڳاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.